
اَجان سوچَ ۾ آهيان
علي حسن سرڪي
پوپٽ

# اَڃان سوچَ ۾ آهيان

(شاعري)

## علي حسن سرڪي

پوپٽ پبلشنگ هائوس خيرپور، سنڌ
2015ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2017ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر



# اَجان سوچَ ۾ آهيان

اِي يارَ اَجان، سُوچَ ۾ آهيان
دلدارَ اَجان، سُوچَ ۾ آهيان

**POPAT BOOK NO: 77**

**اَڄان سوچ ۾ آهيان**

(شاعري)

شاعِرُ: **علي حسن سرڪي**

ڇاپو پهريون: نومبر 2015ع

ٽائيٽل ڊزائين: سعيد منگي

لي آئوٽ: آصف نظاماڻي

ڪمپوزنگ: عرفان ڀٽو

ڇپائيندڙ: پوپٽ پبلشنگ هائوس خيرپور.

ڇپيندڙ: پوپٽ پرنٽنگ پريس، خيرپور، سنڌ.

ملهه **-/220** روپيا

**ANJAN SOCH'A ME AAHYAN**

**(Poetry)**

Poet: **Ali Hassan Sarki**

Edition 1st: November 2015

Title Design: Saeed Mangi

Lay'out: Asif Nizamani

Composing: Irfan Bhutto

Published by: Popat Publishing House, Khairpur.

Printed by: Popat Printing Press, Khairpur Sindh, Pakistan.

Price: Rs. **220/-**

# اَرپنا

پنهنجي

گهر واريءَ

جي

نانءِ

ڪيان ٿو جنهن



پرهه، پارس، پريت ڪائنات ۽ احمد شهزاد

جهڙا گُل ڏئي ڪري

مون کي

جيئڻ جو اُتساهه ڏنو

**ـ علي حسن سرڪي**

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”اڃان سوچ ۾ آهيان“** اوهان اڳيان پيش آهي. شاعريءَ جي هن خوبصورت مجموعي جو تخليقڪار **حَسن سرڪي** آهي.

علي حَسنَ سرڪيءَ جي سڃاڻپ صرف ۽ صرف سندس شاعري آهي. سندس فن ۽ فڪر آهي ۽ بس هونئن ته شاعريءَ جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪندو رهي ٿو پر غزل، ڪافي، وائي ۽ نظم سند س پسنديده صنفون آهن ۽ ها چاڪاڻ ته هو قطعي جي بادشاه ۽ سنڌ جي عمر خيام، رباعيءَ جي شهنشاهه سائين اميد خيرپوريءَ جو شاگرد آهي ان ڪري قطعو يا چؤسٽو به لکي ٿو نه رڳو لکي ٿو تمام پلو ٿو لکي. سندس تحريري قابليت ڪيس هم عصر شاعرن ۾ نهايت نمايان ۽ منفرد ۽ ممتاز بڻائي ٿي.

هي ڪتاب **پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور** پاران 2015ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پوپٽ پبليڪيشن جي سرواڻ قربان منگيءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# سنڌُ


| | |
|---|---|
| ◈ پبلشر نوٽ: **قربان منگي** | 8 |
| ◈ جيون خاڪو : (ترتيبَ) وحيد علي سرڪي | 9 |
| ◈ هڪ سنڌو سرجڻهار ـ علي حسن سرڪي (مُهاڳُ): **ڪوثر برڙو** | 10 |
| ◈ هڪ شاعِرَ جا شاعراڻا خيالَ (پنهنجي پاران): **علي حسن سرڪي** | 18 |
| ◉ **غزلَ** | 25 |
| ◉ **وايون** | 139 |

# پبلشر نوٽ

علي حسن سرڪي خيرپور سان تعلق رکندڙ باشعور شاعِرُ آهي. سندس شاعريءَ ۾ فني پُختگي ملي ٿي، جڏهن تہ هُو پنهنجي شعرن ۾ فڪري رنگ پڻ جا بہ ڀَرپور جَتن ڪندو رهي ٿو. سندس شاعريءَ جو پهريون مجموعو اوهان تائين پهچائيندي، اسان ان حوالي سان بہ خوشي محسوس ڪريون ٿا تہ، پنهنجي شهر جي شاعرن جي همت افزائي ڪرڻ بہ اسان جي اداري جي سهڻي روايت رهي آهي. اسان کي اميد آهي تہ اوهان پڙهندڙ سندس پهرين وِڪَ جي ڀرپور آجيان ڪندا تہ جيئن هُو ايندڙ مستقبل ۾ پنهنجي فني سفرَ کي جاري رکندي، بهتر کان بهتر شاعري تخليق ڪري سگهي.

**قربان منگي**

چيئرمين

پوئيٽ پبلشنگ هائوس خيرپور ـ سنڌ

# علي حسن سرڪي ـ جيون خاڪو

ترتيب: **وحيد علي سرڪي**

نالو: **علي حسن سرڪي**

ولد: **حاجي محمد سرڪي**

جنم: **10 مارچ 1974ع ـ مير عالي بازار خيرپور.**

تعليم: **ايم اي پوليٽيڪل سائنس (پرائيويٽ سال 1996ع)**

لکڻ جي شروعات: **1990ع**

شاعريءَ جي شروعات: **1994ع**

شاعريءَ ۾ استاد: **اُميد خيرپوري**

اَدبي سُڃاڻپ: **شاعري، نثرنويس**

ٻيون سُڃاڻپون: **ڪرڪيٽ پليئر، ريڊيو لسنر**

شاعريءَ جون صنفون: **غزل، ڪافي، قطعو وائي، نظم**

ڇپيل ڪتاب: **آڄان سوچ ۾ آهيان (شعري مجموعو) 2015ع**

اَڻ ڇپيل ڪتاب: **(1) سُڌ سَچل جي (ڪوئيز ڪتاب)**

**(2) سَار سَچل جي (مضمون ۽ مقالا)**

**(3) پرھ، پارس، پريت (شعري مجموعو)**

**(4) تون ڇا ڄاڻين قُرب اسان جو؟ (شعري مجموعو)**

ايوارڊ: **بهترين شاعر جو سرٽيفڪيٽ، سال 1999ع عِلم دوست ادبي سنگت خيرپور.**

رهاڻيون: **ٻه ـ (1) سال 2000ع پاران علم دوست ادبي سنگت خيرپور.**
**(2) سال 2002ع پاران علم دوست ادبي سنگت خيرپور.**

اولاد: **هڪ پُٽ "احمد شهزاد" ۽ ٽي نياڻيون پرھ، پارس ۽ پريت گائنات**

ايڊريس: **سَرڪي موڙ نزد هاڪي گرائونڊ لقمان خيرپور ـ سنڌ.**

رابطو: 0308-3629021 – 0313-5787110

مُهاڳ

# هڪ سٺو سرجڻهار ـ علي حسن سرڪي

جهڙيءَ ريت گلستان ۾ هر گل جي پنهنجي خوشبوءِ پنهنجو رنگ، پنهنجي سونهن ۽ خوبصورتي هوندي آهي. ائين شاعريءَ جي گلشن ۾ بہ هر شاعر جو پنهنجو پنهنجو مقام، حيثيت، ادبي قد بت ۽ پنهنجي شعري خوشبوءِ آهي.

خيرپور ضلعو بہ سنڌ جي ٻين خطن وانگر ادبي لحاظ کان نهايت زرخيز خطو آهي، جيڪو اديبن شاعرن ۽ سُگهڙن جي تخليقي صلاحيتن سان واسيل ۽ ڀرپور رهيو آهي. خيرپور ضلعي جي ادبي ڪيترن ۾ ڪڏهن بہ ”جنريشن گيپ“ يا عمر وڇوٽي ناهي رهي. سينيئر شاعرن سان گڏ نوجوان شاعر بہ پنهنجي ڏانوَ ۽ ڏات جو ڀرپور مظاهرو ڪري رهيا آهن جن ۾ اسان جو سڀاجهڙو ۽ خاموش طبع شاعر علي حسن سرڪي بہ شامل آهي، جنهن جي ذهني ۽ تخليقي پورهئي تي ٻڌل هي پهريون ڪتاب اسان ۽ اوهان جي هٿن ۾ آهي. هونئن علي حسن سرڪي وٽ ڪيترن ئي ڪتابن جيترو مواد موجود آهي، ڇاڪاڻ تہ سندس قلم سان ساڻ ڪي تقريبن ويهارو سال ٿي چڪا آهن ۽ حَسن خاموشيءَ سان لکندو رهيو آهي.

حَسن سرڪي ۽ مان بلاشڪ هڪ ضلعي سان واسطو ٿا رکون، عمر ۾ مان ڪائنس گهڻو وڏو آهيان پر شاعر جي حيثيت ۾ هُو مون کان تمام گهڻو مٿانهون رهيو آهي هن جي شاعري سنڌس عمر کان به گهڻي پختي ۽ پاورفل آهي. ساڻس منهنجي واقفيت خيرپور ۾ ٿيندڙ مشاعرن ۾ ٿي ۽ ٿيندي رهندي آهي.

سنڌس شاعريءَ ۾ جيڪا فڪري گهرائي ۽ فني پختگي آهي، اها مونکي بيحد متاثر ڪندي آهي، اهو ئي سبب آهي جو جنهن مشاعري ۾ مان موجود هوندو آهيان ته حَسنَ کي ٻيهر ٽيهر شعرُ پڑهڻ جي فرمائش ضرور ڪندو آهيان.

حَسنَ جي سڃاڻپ صرف ۽ صرف سنڌس شاعري آهي. سنڌس فن ۽ فڪر آهي ۽ بس هونئن ته شاعريءَ جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪندو رهي ٿو پر غزل، ڪافي، وائي ۽ نظم سنڌ س پسنديده صنفون آهن ۽ ها چاڪاڻ ته هو قطعي جي بادشاه ۽ سنڌ جي عمر خيام، رباعيءَ جي شهنشاهه سائين اميد خيرپوريءَ جو شاگرد آهي ان ڪري قطعو يا چؤسٽو به لکي ٿو نه رڳو لکي ٿو تمام پلو ٿو لکي. سنڌس تحريري قابليت ڪيس هم عصر شاعرن ۾ نهايت نمايان ۽ منفرد ۽ ممتاز بڻائي ٿي.

حَسن جي هن شعري مجموعي جي آغاز ۾ سنڌس لکيل حمديه ۽ نعتيه ڪلام ۽ منقبتون پڑهڻ سان سنڌس عقيدت جي اظهار جو رنگ ئي نرالو نظر اچي ٿو. اسان مان هر شاعر لطيف جي فڪر جو تسلسل آهي. اسان سڀ شاه، سچل، سامي ۽ پنهنجي ٻين مشاهيرن جي سخن جا پؤلڳ آهيون: لطيف سرڪار چيو:

”عدلين ڇٽان نه آءُ ڪرڪو ڦيرو فضل جو“

اسان جي پياري ۽ نهايت سڀاجهي شاعر علي حسن سرڪيءَ چيو ته :

ڪجان ڪوئي ڦيرو – فضل جو تون مالڪ
گناهن جي دلدل ۾ ڦاٿل رهان ٿو.

بنا مطلب، معنيٰ، مفهوم ۽ مقصد جي شاعري بلڪل بي معنيٰ ۽ فضول هوندي آهي. خالي تڪبنديءَ کي شاعري ناهي چئبو. شاعري آهي ئي اها جيڪا

پيغام ڏئي ۽ ان کي پڙهڻ سان پڙهندڙن کي ڪجهه حاصل ٿئي، ڪجهه پلئہِ پوي۔ حَسن سرڪيءَ جا هن مجموعي ۾ ڪيترائي اهڙا غزل ۽ وايون موجود آهن جن جي پڙهڻ سان خالي ذهن سرشار ۽ پرپور ٿي وڃي ٿو. هن جي شاعريءَ ۾ حوصلي ۽ همت ۽ اڳتي وڌڻ جو درس سمايل آهي. شاعر آهي بہ اهو جيڪو ڏڳ ٻڌائي واٽ جي نشاندهي ڪري حَسن جي هڪ غزل جا ڪجهه بند.

دل شڪتو ٿي نہ تون ڪنهن موڙ تي
زندگيءَ جو قافلو اڳتي وڌاءِ

جستجو ۽ آرزو جاري رکي
شاعريءَ جو قافلو اڳتي وڌاءِ

ڪنهن ڪهاڻيءَ ۾ مون پڙهيو هو تہ ڪانوَ کان ڪنهن پڇيو هو تہ دنيا ۾ تو ڪتي خوبصورتي ڏٺي آهي. تہ ڪانوَ چيس هَل تہ هلي مان تو کي حُسن ۽ خوبصورتي ڏيکاريان. ڪانءُ کيس پنهنجي آکيري تي وٺي آيو جتي سندس بہ ٻچا وينا هئا. ڪانوَ پڇڻ واري کي چيو تہ دنيا جي سڀ کان وڌيڪ خوبصورتي ۽ حُسن منهنجي هنن ٻن ٻچڙن ۾ نظر ايندو آهي. مقصد جي ڳالهہ تہ انسان جنهن سان پيار ڪري ٿو کيس اهو ئي سڄيءَ دنيا ۾ سڀ کان سهڻو ۽ حَسين - بلند و برتر محسوس ٿيندو آهي. حَسن بہ پنهنجي هڪ غزل ۾ پنهنجي پريتم کي دنيا جي سڀ کان سهڻي، حَسين ۽ خوبصورت وجود سمجهي اُن جو اظهار هن طرح ڪري ٿو تہ:

سهڻي سڀ کان منهنجي سڄڻي
اهڙي آهي تنهنجي سڄڻي؟
سمجهان ٿو مان جڳ ۾ اهڙي
ڪونهي ڪائي ڪنهن جي سڄڻي

اڄ ڪلهہ سنڌ ۾ تمام جَجهي مقدار ۽ تعداد ۾ شاعري سَرجي رهي آهي ۽ ڳڻڻ کان گهڻا شاعر ۽ شاعرائون طبع آزمائي ڪري رهيا آهن/ڪري رهيون آهن. ڪي سنو ٽا لکن، ڪي بَس لکن ٽا ۽ ڪي تمام سنو ٽا لکن جن ۾ تعداد بہ آهي تہ معيار بہ. مان حَسن سرڪيءَ جي شاعريءَ کي ٻڌو بہ آهي ۽ پڙهيو بہ آهي تہ

هو انهن شاعرن ۾ شامل آهي جيڪي تمام سنو تا لکن ۽  تمام معياري تا لکن. حَسن جي جيتري طبيعت سادي آهي اوتري ان جي شاعري بلند ۽ اعليٰ آهي. هو جيترو غريب آهي اوتري ئي شاعري امير ۽ شاهوڪار اٿس. حَسن جيترو گهٽ ڳالهائو ۽ خاموش طبع آهي اوتري ئي سندس شاعري ڳالهائيندڙ ۽ متحرڪ نظر اچي ٿي. سندس تخليق نهايت جاندار آهي.

تشبيهون ۽ استعارا. شاعريءَ جو حُسن هوندا آهن. حَسن جي شاعريءَ ۾ بہ تشبيهون، پيٽون ۽ استعارا ڏاڍا بر مهل ۽ اثرائتا ڪتب آندل آهن. مثلن ڪجھ غزلن جون سٽون.

گرم هوائون، من جي آويءَ مان
برندڙ جبل جيان ڪي پڙڪا ها
يا
لال لبڙن ۾ رَئي جي ڪنڊ ڏئي
سامهون مهنجي ٿي ڪلي هڪ ڇوڪري
يا
سونهن سندي سرهاڻ اکين ۾
خوابن جي آ، ڪاڻ اکين ۾.

حَسن سرڪيءَ جي شاعري فني ۽ فڪري اعتبار کان تہ شاهوڪار آهي ئي سهي پر موضوعن جي لحاظ کان بہ سندس شاعري گهڻ موضوعاتي آهي. سندس شاعريءَ ۾ پنهنجي وطن ۽ ڌرتيءَ ۽ قوم سان محبت جو سبق  سمايل آهي تہ عشق جي اپتار بہ آهي پيار جي پرچار بہ آهي تہ محبت جو منشور بہ، بي وفائيءَ جو شڪوه شڪايت بہ آهي تہ وفا جا ورلاپ بہ. انياءَ ظلم ۽ ڏاڍ جي ننڌا بہ ڪيل آهي تہ مظلوم سان محبت جو اظهار بہ. هونئن بہ شاعر محبت سان محبت ۽ نفرت کان نفرت ڪندڙ هوندا آهن. هو امن پسند ۽ پيار جا پرچارڪ هوندا آهن. ڪيني ڪدورت ۽ نفرت کي ختم ڪري پيار، پنهنجائپ، ميٺ، محبت جا نقيب

۾ امينَ هوندا آهن. حَسن سرڪي بہ پنهنجي شاعريءَ ۾ اهڙي ئي ڳالهہ ڪئي آهي. سندس هڪ شاهڪار غزل جا ڪجهہ بند.

ڪدورت ڪرڻ جي نہ عادت رهي آ
اسان جي تہ ٻولي محبت رهي آ
محبت سوا ٻيو رکيو ڇاهي جڳ ۾؟
محبت سِيِن جي ضرورت رهي آ
محبت ڪي گهٽ وڌ نہ ڳالهاءِ سهڻا
محبت اسان جي عبادت رهي آ.

علي حسن سرڪي بہ هن سنڌ ڌرتيءَ جو ڄائو آهي. ۾ جنهن جو ڪائجي تنهن جو ڳائجي. وطن سان محبت ايمان جو حصو هوندو آهي. مان تہ چوندو آهيان جنهن شاعر جي شاعريءَ ۾ ڌرتيءَ جو هڳاءُ ۾ مٽيءَ جي خوشبوءِ ڪونهي. سنڌ جي سرهاڻ ڪونهي. ساٽيهہ جي سڪ ڪونهي. وطن ۾ ديس سان محبت جو اظهار ڪونهي، تہ اهو شاعر ڌرتيءَ جو تخم ئي ناهي. حَسن سرڪيءَ جو پنهنجي ديس سان پيار ۾ اُنسيت جي اظهار جو نمونو ئي نرالو ۾ انداز ئي پنهنجو آهي. پنهنجي انداز سان تمام وڏي ڳالهہ چَئي وڃڻ حَسن سرڪيءَ جي شاعريءَ جي هڪ انفراديت آهي. مثلن:

سنڌ جو هر منظر تو وانگي پيارو
هن ٿر، بر ۾ منهنجي جان رهي ٿي.

ٻئي هنڌ چيائين:

هي مستي رواني ۾ مهراڻ موجون
سنڌوءَ جا ڪنارا سلامت هجن شل.

اڄان ان ڪان بہ وڌيڪ ۾ گهڻو اڳتي. حسن سنڌ پرست شاعر آهي. سنڌ ڪي هو پنهنجي ماءُ ٿو سمجهي. ٻين شاعرن وانگر هن جي اکين ۾ بہ سنڌ جي آزاديءَ جا خواب سجايل آهن. شاعر هئڻ جي ناتي هُن جا پنهنجا آدرش آهن.

سنڌ خاطر جي هلي هيءَ جان وڃي
اشڪ اکڙين مان نہ هرگز هارجان.

سنڌ جي آزاد نغمي لاءِ هتي
لوهہ کان مضبوط سينو ڏارجان.

هي دعائون ٿو ”حَسنُ“ رَبَ کان گهري
سنڌ لاءِ جيئارجان بس مارجان.

ڪيترو نہ حوصلو همت ۽ سنڌ لاءِ سچائي سمايل آهي حَسنَ جي ان غزل ۾.

غيرن سان گڏجي ڪري پنهنجن جيڪا سنڌ واسين جي حق تلفي پئي ڪئي آهي. اها اسان کان ڳجهي ڪونهي. اهو سلسلو صدين سالن کان جاري آهي. تاريخ ۽ وقت شاهد آهي تہ سدائين سنڌ سونهاريءَ تڏهن پوڳيو آهي ۽ رت جا ڳوڙها ڳاڙيا آهن جڏهن مفاد پرستن ڌارين غيرن سان گڏجي ڪري امڙ سنڌ کي گهاوَ ۽ زخم ڏنا آهن. جيڪي سالن تائين ناهن ڀرجي سگهندا. حَسنُ شاعر آهي ۽ شاعر ڪي ڊگها مضمون ۽ مقالا ناهي لکندو هو ڊگهيون تقريرون ناهي ڪندو. هو تہ وڏي ڳالهہ ٻن سٽن ۾ ڪري، پنهنجو پيغام پهچائيندو آهي. حَسن هڪ غزل ۾ چوي ٿو.

پنهنجا غيرن سان گڏجي ويا
سڀ خواب اڌورا رهجي ويا.

ٻئي غزل ۾ چيائين

ٻئي کي نہ ميار ڏي تون سنڌڙي
پنهنجو دشمن ٿيندو پيو وڃي.

شاعر جي نظر ڏاڍي تيز هوندي آهي ھُن جو ذهن زرخيز هوندو آهي سندس معاشري جي هر چڱائي ۽ برائيءَ تي نظر هوندي آهي. اڄ ڪلهہ مسجدن ۾

خود ڪش ڌماڪا، مسلمانُ، مسلمانَ کي ٿو پيو ماري. پاڻُ، پاڻُ جو دشمن آهي حَسن جي نظرَ ان المياتي حالت ۾ ڪيفيت مٿان به آهي ۾ چوي ٿو.

نالي ۾ بچيا مسلم آهيون
خطري ۾ ايمان لڳي ٿو.

شاعر سچ جا پوڄاري ۾ پرچارڪ هوندا آهن ۾ ڪوڙ دغا، دولاب، ٺڳيءَ کان سخت نفرت ڪندا آهن. هو سچ جا ساکي ۾ ساٿي هوندا آهن. حَسن سرڪيءَ کهڙي نه سهڻي ڳالهه سهڻن لفظن ۾ ڪئي آهي.

سچ تان جان به قربان آهي
ڪوڙ کان انڪار ڪندو رهندس.

حَسنُ سنڌ ڌرتيءَ کي ته پنهنجي شاعريءَ ۾ ناهي وساريو پر انهن ڪردارن کي به نظر انداز نه ڪيو اٿائين جن سنڌ ڌرتيءَ کي ڳايو آهي ۾ سنڌي ماڻهن جي حقن جي ڳالهه ڪئي آهي. جيئن سرمد سنڌي.

سنڌ جي هُو چاهه ۾ گم ٿي ويو
نانوَ جو رحمان هو سرمد سنڌي
مان شيدائي بڻيم هُن جو "حَسن"
سنڌ جي پهچان هو سرمد سنڌي.

چوندا آهن ته شاعري تلوار جي ڌار به آهي ته خنجر جو وار به آهي. شاعري سُونهن جو لباس آهي شاعري وشال آسمان وانگر آهي ۾ پياري علي حسن سرڪي ان ڏانهن پهرين اڏام ڪري هنن پنن تي جيڪا پالوت ڪئي آهي. اميد ته پڙهندڙن وٽان ان کي ماناءتي موٽ ملندي. بنيادي طور شاعر سماج جا ترجمان هوندا آهن، لفظن سان تصويرون جوڙي سماجي حالتن جي ترجماني ڪندا آهن. پيارو حَسنُ به پنهنجي ان فرض ادائگيءَ ۾ ڪيترو ڪامياب ويو آهي. ان جو فيصلو به پڙهندڙ ڪندا. مان فقط اهو اعتراف ڪندس ته حَسن ۾ هڪ بهترين ۾

قابل شاعر واريون سڀ خوبيون موجود آهن. هن وٽ فن بہ آهي تہ فڪر بہ. هُن وٽ خيال بہ آهي تہ لفظ بہ. هُن وٽ ذات بہ آهي تہ ڏانءُ بہ. هُن وٽ محبت بہ آهي تہ محنت بہ. مان دعاگو آهيان مونکان عمر ۾ ننڍي پر شاعريءَ ۾ وڏي دوست حَسن سرڪيءَ لاءَ تہ الله ڪيس وڏي ڄمار ڏئي جيئن هو سنڌ ۽ ادب جي خدمت ڪندو رهي. مان هنن ڪڇين ڦڪين سٽن جي پڄاڻي حَسن جي ئي پيغام پرين سٽن سان ڪندس جيڪي سندس لڪيل هڪ وائيءَ مان کنيون اٿم.

هر جا، هر هنڌ
پڙهو ۽ لکو
سنڌي ٻولي

◈ پهرين جون 2015ع

**ڪوثر ٻرڙو**
استيشن ڊائريڪٽر
ريڊيو پاڪستان ڪراچي

پنهنجي پاران

# هڪ شاعِر جا شاعرانا خيالَ

دل جي دنيا ۾ جيڪي خواب ۽ خواهشون جنم وٺن ٿيون. انهن خوابن ۽ خواهشن جي ڳولها ۽ پُورائي لاءِ انسان کي وڏا جتن ڪرڻا پون ٿا. جستجو ۽ آرزو ئي آهي جيڪا انسان کي لاڳيتو لوڙائي ٿي ۽ ان لوڙ ۽ ولوڙ جي ڪري زندگيءَ کي گهڻو ڪجهہ پوڳڻو پئي ٿو. زندگي بہ عجيب آهي ڪڏهن غمگين دنيا ۾ تہ ڪڏهن خوشين جي تمنا ۾.

زندگيءَ ۾ هر ڪو ماڻهو چاهيندو آهي تہ هو جيڪو ڪجهہ ڏسي يا جيڪو ڪجهہ محسوس ڪري ان جي هر اها محسوسات يا ڳالهہ پوري ٿي جيڪا هو چاهي ٿو مگر ڪي خواهشون ۽ خواب اهڙا هوندا آهن جيڪي پورا ٿيندي بہ ٿي ناهن سگهندا اهڙيون ضرورتون جيڪي ساري دنيا کان انمول پاسنديون آهن ۽ زندگيءَ لاءِ اهم ٿي وينديون آهن. ٻين لفظن ۾ جسم جو حصو بڻجي وينديون آهن.

اهي ضرورتون ۽ اهم ڳالهيون رڳو ڳالهيون ئي رهجي وينديون آهن جن جو ذاتي زندگيءَ ۾ وڏو عمل دخل هوندو آهي. مون بہ ڪيئي ڀيرا پنهنجي منهن

ويهي ڪري سوچيو آهي تہ اهو آخر هڪ احساسي ۽ جذباتي ماڻهوءَ سان ائينءَ ڇو ٿو ٿئي؟ ڪيئي ڀيرا پاڻ سان ڳالهايو اٿم.

ڪيئي من مان سوال اُڀريا آهن آرسيءَ اڳيان اچي ڪري پنهنجون محروميون چهري تي ڏسي ڪري رُوئڻ بہ ايندو آهي ۽ وري ڪل بہ ايندي آهي ان لُڙڪ ۽ مُرڪ واري ڪيفيت کي ڏسي ڪري پنهنجو پاڻ ۾ هڪ خلش پيدا ٿيندي آهي جيڪا پُڻ پُڻ ڪري چوندي آهي تون بہ ڪو يار اياڻو آهين جو ٻارن وانگي ٿوري ٿوري ڳالهہ تي اڙجي ٿو ٻيهي رهين. جيڪو ٿيو سُو ٿيو. دنيا اڳتي پئي وڃي ۽ تون آهين جو اڃان پوئتي پيو ڏسين. واقعي زندگي هڪ جاءِ تي ويهڻ جو نانءُ ناهي. زندگي تبديلي جو نالو آهي. زندگي هڪ اسٽيج آهي جتي هر ڪو پنهنجي پنهنجي حصي جو ڪردار پيو ادا ڪري وقت جي رفتار ڏينهون ڏينهن تيز ٿيندي پئي وڃي. اُهي ئي ماڻهو زندگيءَ ۾ ڪاميابيون ماڻيندا آهن. جيڪي وقت جي رفتا کي ڄاڻي وٺندا آهن. يا وقت سان گڏ هلڻ سکي وٺندا آهن. ڪيئي ڏکيائون ۽ رُڪاوٽون زندگيءَ ۾ آيون مگر بنا ڪنهن همت هارڻ جي انهن سان مقابلو ڪيو اٿم . زندگي ڪيئي ڀيرا مايوس بہ ٿئي آهي پر پيار جي شڪتيءَ دل شڪتو ٿيڻ ناهي ڏنو پيار ڪنهن سايي جيان منهنجو نگهبان رهيو آهي. مان ڪٿي ڀُليو آهيان يا ڪنهن غلط رستي ڏي ويو آهيان تہ محبت مون کي سنڀاليو آهي. منهنجو ساٿ ڏنو آهي. منهنجي وک وک تي رهنمائي ڪئي آهي. دلي احساس ئي انسان کي انسان بڻائي ٿو. ڪنهن ڀُليل کي سڌي واٽ ڏيکاري ٿو. مان بہ زندگيءَ کان ڀُليل ۽ اڻ وقف انسان انيڪ گهمرائين ۾ ڦاٿل رهيو آهيان. ڇڻ ڪنهن اوڙاهہ ۾ جلندو، ڀڄرندو رهيو آهيان محبت ڪنهن ڏياتيءَ وانگي انهن اونداهين، مان نرا سائين مان، غفلتن ۽ اوڙاهن مان مون کي ٻاهر ڪڍيو آهي. اصل ڏڳ لائي مون انڌي کي هڪ اهڙي لاٽ ڏني آهي جنهن ۾ مان هاڻي زندگيءَ جي بلائن کي شڪست ڏيڻ جي سگهہ رکان ٿو. مون گهڻو ڪجهہ وڃائي گهڻو ڪجهہ حاصل ڪيو آهي جيڪي ماڻهو زندگيءَ ۾ محبت کي سمجهي وٺندا آهن انهن لاءِ دنيا ڪجهہ بہ ناهي هوندي. ڪو بہ مسئلو انهن لاءِ مسئلو ناهي هوندو. مون زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ هار کي هار ناهي سمجهيو بلڪ هار کي بہ پنهنجي جيت ڄاتو آهي.

مسلسل محبت سان گڏ محنت ڪئي اٿم. زندگي جاڏي به وني وئي آهي تاڏي زندگيءَ جي گَڏَ ويو آهيان. ڪڏهن به محبت ۽ محنت کان ڪيٻايو ناهي. محبت ۽ محنت مون سان ائين‌ءَ گڏ ، گڏ آهن جيئن دريا جا ٻه ڪنارا. محنت ۽ محبت مون لئہ عبادت جيان آهي. پيار پوڄا ٻڌجي منهنجي نس، نس ۾ شامل رهيو آهي جنهن جي رڳ رڳ ۾ پيار ۽ محبت هجي اهو محبت جون ٻوليون نہ ٻوليندو تہ ٻيو ڀلا ڇا ڪندو؟ محبت ئي پنهنجو مذهب، دين ۽ ايمان آهي. هڪ محبتي ماڻهو محبت کان پري ڀلا رهي ٿو سگهي؟ هرگز نہ! ظاهري محبت جا قائل ڪوڙ ئي هوندا. اسان ظاهربِينَ وارن مان هرگز ناهيون محبت تہ هڪ خيال آهي هڪ اهڙو خيال، جيڪو عاشق ۽ محبوب جي وچ ۾ ڪنهن پُل جيان هوندو آهي تڏهن تہ سچل سائينؒ چيو تہ :

مين تہ ڪوئي خيال هان
مل سان نال خيال دي وچ

هڪ ڏينهن پنهنجي والد محترم حاجي محمد سرڪيءَ کان پڇيم تہ ڇا اسان جي خاندان ۾ اڳ ۾ ڪو شاعر هيو. تنهن ٻڌايو تہ مون کي ٻچپن کان ڪتابن سان ڏاڍو چاهہ هوندو هيو ۽ اسڪول واري دور ۾ هوشيار بہ ڏاڍو هوندو هيم. جواني ديواني مستاني ٿيندي آهي. جيئن‌ءَ جوانيءَ ۾ پير پاتم تہ مان بہ شاعري ڪرڻ لڳس اڪثر محفلن ۾ مولود ۽ نعتون بہ چوندو هيم. شاديءَ کانپوءَ ڪن محبورين سبب اهو شوق اڳي جاري نہ رکي سگهيس زماني جي گردش ۾ سارا خواب لڙهي ويا. ساڳيا خيال، ساڳيون ڳالهيون اوهان اولاد ۾ ڏسي ڪري ڏاڍي خوشي ٿيندي آهي. اهي بابا سائين جون ڳالهيون مون لاءِ وڏيڪ لاپائتون ثابت ٿيون. مون کان اڳ ۾ منهنجو ننڍو ڀاءُ گل حسن سرڪي تڪبنديءَ واري شاعري ۽ ڪي ٻاراٽيون اصلاحي ڪهاڻيون لکندو هيو. ۽ ڪيس ڳائڻ وڄائڻ سان بہ ڏاڍو شوق هوندو هُيو. مولود، نعت بہ بابا سائين وانگي چوندو هو. طرزيا ڌُهنن تي ڪلام لکي ڪري انهن کي پنهنجي آواز ۾ ڳائيندو هو. سرمد سنڌي جي وفات کان پوءِ ڀاءُ گل حسن جا سارا شاعراڻا خيال توڙي ڳائڪي ختم ٿي وئي. سرمد سنڌيءَ سان ادا گل حسن جو ڪُو روحاني ناتو هيو جو سرمد سنڌيءَ ڀاءُ گل حسن

ڪي ”سرمست سنڌيءَ“ جو لقب بہ ڏنو هو. ياءُ گل حسن سرڪيءَ جو گائڪيءَ ۾ آواز هُو بهُو سرمد سنڌيءَ جهڙو هو. جو ڪيس هر ڪو سرمد سنڌي بہ چوندو هو. وقت انسان کي الائي تہ ڪٿان ڪان ڪٿي ٿو پهچائي ڇڏي. جو انسان سوچي چا ٿو؟ ۽ ٿي ڇاٿو وڃي. ڪجھہ اهڙي وارتا اسان سان بہ رهي آهي. اها محبت ئي آهي جيڪا لکرائي ٿي محبت سوا هوند مان ست بہ ناهيان لکي سگهندو. محبت ئي شاعر بڻايو. علم ادب جي سمجھہ ڏني. محبتي ماڻهن سان ملڻ جو موقعو ڏنو انهن جي ڪچهرين ۾، محفلن ۾ ويڃڻ جو اتساهہ ڏنو.

هڪ اهڙو محبتي ماڻهو جيڪو ادبي دنيا ۾ قطعي ۽ رُباعي جو شهنشاهہ شاعِرَ طور مشهور هو. خيرپور جي جيئري جاڳندي تاريخ هيو. حافظو ايترو جو ڪيس ورهين جون تاريخون بزبان ياد هونديون هيون جنهن جي نانوَ ڪان نئين ٿهيءَ جا شاعر، اديب چڙ ڪائيندا هيا. ڇو جو هو علم عروض بحر وزن جو استاد الشعراءُ شاعر هيو. هُن ڪان ان ڪري بہ شاعر، اديب ونئون ويندا هيا جو هو سڀ ڪي سامهون حق سچ چوندو هيو. اهڙا سچا ۽ مُنهن تي چوڻ وارا شاعر، اديب مان گهٽ ڏٺا آهن.

جيڪي بنا ڪنهن رک رکاءَ جي وڏي واڪي ڪنهن کي حق سچ چون. برحال اڄ دنيا منافقن سان ڀري پئي آهي اگر ڪو سچو ماڻهو ڪنهن کي ڪٿي ملي بہ پئي تہ غنيمت سمجھجو. اهڙو ڪرو محبتي ماڻهو منهنجو استاد، منهنجو مُحسن اميد خيرپوري آهي. جنهن جي محبت، خُلوص، پنهنجائپ، منٿرين، ڳالهين، ڪچهرين ايڏو تہ اثر ڪيو جو مان سندس شخصيت ڪان ڏاڍو متاثر ٿيس. ۽ استاد اُميد ڏي پنڌ ڪندو رهيم ۽ استاد جي شخصيت ۽ محبت جو اهو اثر ٿيو جو مان شاعري ڪرڻ لڳس. ڪجھہ استاد جي محنت ڪجھہ پنهنجي محنت، ائينءَ منهنجو شمار بہ شاعرن ۾ ٿيڻ لڳو جو اڄ ڏينهن تائين شاعري ڪان ڪنارو ناهيان ڪري سگهيو.

دلي احساسن ۽ جذبن جو نالو شاعري آهي شاعري کي الهام بہ چيو ويندو آهي هي هڪ اهڙي ڪيفيت آهي جيڪا هر عام ماڻهوءَ کي نصيب ناهي ٿيندي شاعري ڪنهنکي ڪنهن کي، عطا ٿيندي آهي. هي هڪ پيغمبري رستو

آهي. جتان خدا جي خدائي جو ڏس ملي ٿو. شاعري هڪ اهڙو آواز آهي جيڪو هڪ شاعر ئي محسوس ڪري سگهي ٿو. نت نوان خيال ۽ احساس لفظن جو روپ وٺي ڪاڳر تي اچن ٿا ۽ لفظن جي مالها جُڙي پئي ٿي. شاعر ماڻهو جتي دلي ڪيفيتن جي اپٽار ڪري ٿو. اتي هو ٻين ماڻهن جي حالتن جو آئينو به ڇتي ٿو. شاعر جي نظر عام ماڻهوءَ جي نظر کان مختلف ٿئي ٿي.شاعر وٺي وٺي پوري دنيا جا سيئر ڪري ٿو. احساسن ۽ جذبن جي آڌار تي اهڙا خيال لکي ٿو جنهن ۾ پيغام آهي ميٺ محبت، پيار خلوص، سڪ الفت، قربُ ۽ پنهنجائپ جو ـ مون جيڪو ڪجهه لکيو آهي.اهو منهنجي ذاتي زندگيءَ جو نچوڙ آهي. جيڪو ڪجهه مون پنهنجي آس پاس يا ماحول ۾ ٿينِدي ڏٺو آهي يا جيڪو ڪجهه محسوس ڪيو آهي انهن کي لفظن جو روپ ڏنو آهي. اهي لفظ ئي شاعر وٽ هوندا آهن جيڪو هو ٻين کي ارپي ٿو. مون به پنهنجا سادا سودا لفظ جوڙي شاعري جي ويسَ ۾ اوهان جي آڏو آندا آهن.اها منهنجي پنهنجي حالتن جي پيداوار شاعري آهي. جيڪي وقتي حالتن مون کي لکرايو آهي مون ان کي لکيو آهي ۽ مسلسل لکندو رهيو آهيان ڪڏهن به ٿڪو ناهيان جي ٿڪو به آهيان ته شاعري جي وڻ هيٺيان ڪجهه آسيسُ وٺي ٿڪ ڀڳو اٿم. ۽ لکڻ سان روحاني چين حاصل ٿيو اٿم.

لکڻ جو ڪو هڪ وقت ڪونهي هوندو. مختلف وقتن ۾ مون شاعري ڪئي آهي. ڪڏهن قلم کڻي شاعري ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي اٿم. لکرائڻ وارو لکرائيندو آهي ته لکي وٺندو آهيان نه ته مهينن جا مهينا ٿي ويندا آهن هڪ سٽ به لکي ناهيان سگهندو.

شاعريءَ کي مون هميشه اولاد جيان سمجهيو آهي. اولاد لاءِ به ماڻهو ڪيئي سپنا دل ۾ سانڍي ٿو. انهن جي پرورش، پالنا، نشونما ڪري ڪنهن منزل تي پهچائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ائينءَ ئي اڄ پنهنجي شاعريءَ جو ڪجهه حصو هن پهرين شعري مجموعي "اَڄان سوچ ۾ آهيان". ۾ ڏئي ڪري هڪ ته دلي سپنو پورو ٿيو آهي ٻيو ته ايتري خوشي ۽ راحت ملي آهي جو مان لفظن ۾ بيان نه ٿو ڪري سگهان. ائينءَ سمجهيو. اڄ شعري مجموعو "اَڄان سوچ ۾ آهيان" منظر عام تي آڻي ڪري جڻ ورهين جا ٿڪ لهي ويا هجن ۽ نيڻن کي اهڙي تراوت ملي

آهي جو انگ انگ ٺري پيو آهي مَنُ خوشيءَ منجهان ڪنهن ننڍڙي ٻار جيان ڇلولايون ڪندي ماضيءَ جي حسين شامن ۾ گم ٿي ويو آهي. هن محبت جي سفر ۾ جن بہ منهنجو ساٿ ڏنو آهي منهنجا حوصلا ۽ اردا وڏايا آهن. منهنجا ٻانهن ٻيلي ٿيا آهن. انهن مهربانن. سڄڻن، قربائتن، يارن دوستن، مٽن، مائٽن، پنهنجن توڙي پراون جالک قرب اڻ کٽ ٿورا.

پر پوءِ بہ سمجهان ٿو تہ انهن پرين پيارن جا ڪجهہ نالا ڪٽي دل جو بار هلڪو ڪيان. سنڌي ٻوليءَ جي نالي واري ليکڪ، براڊ ڪاسٽر ۽ سهڻي شاعر محترم ڪوثر ٻرڙو جا تمام، تمام گهڻا ٿورا جو هو وقت بہ وقت مون ناچيز کي شعري مجموعي ڇپرائڻ لاءِ همٿائيندو رهيو ۽ پنهنجي مصروفيتن مان ڪجهہ وقت ڪڍي ڪري مون کي ڪتاب لاءِ هڪ سهڻو ۽ پيارو مهاڳ لکي ڏنو.

سائين ادل سومرو منهنجو هميشہ مَنَ گُهريو شاعر رهيو آهي جنهن جي شاعري ۽ منڙي شخصيت منهنجي لاءِ راهہ مشعل رهي آهي. ان من گهري سائينءَ منهنجي لاءِ ڪتاب جي بيڪ ٽائيٽل تي لکيو آهي سچ تہ مان پنهنجي لاءِ هڪ وڏو اعزاز ٿو سمجهان. پنهنجي محبوب شاعِرَ پياري ادلَ سومري جا جيترا ٿورا مڃان تيترا گهٽ آهن.

منڙي امر اقبال جا بہ وڏا وڙ جو هن ڪجهہ تاثراتي سٽون لکي ڪري مون کي مان بخشيو آهي.

ساجد جماليءَ جو ساٿ ڪتاب جي ڇپائيءَ تائين مون سان رهيو آهي ساجد کي مان هميشہ استاد اميد خيرپوري واري نظر سان ڏسندو آهيان ڇو جو ساجد جمالي استاد اميد جو ادبي وارث آهي. استاد اميد زندهہ هجي ها تہ پنهنجي هن ادبي شاگرد تي ڪجهہ لکي بہ ها ۽ هي شعري مجموعو ڇپل ڏسي خوش بہ ضرور ٿئي ها مگر اڄ هو اَبَدي دنيا ۾ آهي. مالڪ کيس پنجتن جي ڇانوَ ۾ رکي . آمين.

ساجد جمالي مون کي تاثر ۾ لفظن جو جيڪو خراج بخشيو آهي اهو منهنجي لاءِ وڏي معنيٰ رکي ٿو. جنهنکي مان پنهنجي استاد اميد خيرپوريءَ جو ڏنل خراج ٿو سمجهان.

پوپٽ اداري جي روح روان ۽ مشهور سفر نگار. سائين قربان منگيءَ جو جهڙو نالو آهي تهڙو ئي هي مڙس مٽيرو آهي. قربان منگيءَ جهڙا مرد پنهنجي قول فعل جا سچا مون گهٽ ڏٺا آهن.

مون سان ڪتاب ڇپرائڻ جو واعدو ڪيائين ۽ اهو واعدو پنهنجو پورو ڪيائين. هن مولائي ماڙهوءَ جا ڪهڙا ڳڻ ڳايان. جنهن ڪان سدائين مون کي پنهنجن کان وڌ پنهنجائپ ملي آهي.

پياري آصف نظاماڻي ۽ عرفان پُنهو جو بہ ٿورائتو آهيان جن منهنجي هِنَ پهرئين شعري مجموعي کي نِهايت پيار ۽ خلوصَ مان ڪمپوز ڪيو.

شاعري ڪرڻ آسان ڪم ڪونهي جنهن لاءِ وڏي مٿا کوهہ ڪرڻي پئي ٿي ڪي گهٽ وڌايون بہ هونديون. ڪٿي ڪي ڪچايون، ڦڪايون ضرور هونديون. شاعر بہ انسان ئي ٿيندا آهن. انسان ناتي ڪي غلطيون ڪي ڪوتاهيون بہ هونديون. منهنجي شاعري هاڻي منهنجي ناهي رهي اوهان پڙهندڙن جي هٿن ۾ آهي هي منهنجو پهريون شعري مجموعو آهي ان ۾ ڏنل شاعري اوهان کي ڪيئنءَ لڳي آهي.اوهان پڙهندڙ ئي بهتر ڄاڻو ٿا. اوهان جي راءِ جو انتظار رهندو.

نہ چاهيندي پيي دل لڳي ٿي ويندي آ
منهنجي گهرَ جي هُوءَ روشني ٿي ويندي آ
خيالن ۾ خوابن ۾ رهندو مان آهيان
ڪندو ناهيان، بس شاعري ٿي ويندي آ

**علي حسن سرڪي**
نزد سرڪي موڙ
لقمان خيرپور ــ سنڌ.

25 جولاءِ 2015ع

**رابطو:**
0308-3629021
0313-5787110



# غَزلَ

◈

نِدامتَ جا ڳُوڙها اکين ۾ ڏسان ٿو
گناهن جي معافي مان مالڪ، گهران ٿو.

ڪجان معاف ساريون، مدايون هي منهنجون
مٺي مير مرسلﷺ جو، صدقو ڏيان ٿو

رُوئڻ منهنجي قسمت ۾ لکجي ويو آ
نہ پلجي ڪڏهن پيي، خدايا ڪلان ٿو

ڪڏهن ڪين ڪنهن سان چڱائي ڪئي مون
ڀلائيءَ جو ڪاتو، ٻـڙيءَ ۾ ڏسان ٿو

ٻـري جي سنگت ٿي، ٻـرو بس بڻائي
بُرائيءَ ڪان پاسو، مان پرور ڪيان ٿو

ڪري ٿو حقيقت، هي قرآن سارو
لهي مَـرُ ٿي مَـنَ جي، مان جيئنءَ، جيئنءَ پڙهان ٿو

ڪجان ڪوئي ڦيرو، فضل جو تون مالڪ!
گناهن جي دلدل ۾ ڦاٿل رهان ٿو

زماني ستايو، ”حَسَنَ“ ڏاڍو آهي
مان شعرن ۾ ساري، حقيقت لکان ٿو

◈

◈

قرآن سچُو، صفت، خدا جي.
انسانُ سَچُو، صفت، خدا جي

وَڻَ، ٽِڻَ، ٻُوٽا، آڪاشُ، جَبلَ
هي جهان سچو، صفت، خدا جي

هر ڪنهن گُلَ جي، پنهنجي خوشبو.
گلدانُ سچو، صفت، خدا جي

هاٿي، ٻُولو، اُٺُ ۽ گهُوڙو
حيوانُ سچو، صفت، خدا جي

چون ٿا عاشق، صادق هيو ڪو
شيطانُ سچو، صفت، خدا جي

رحمت سمجهيو، ويندو آهي
مهمانُ سچو، صفت، خدا جي

رنگ رنگيلا، نُور، نظارا
ميدانُ سچو، صفت، خدا جي

تو ۾، مون ۾، هُنَ ۾ ”سرڪي“
ايمان سچو، صفت، خدا جي

◈

◈

مَرڻَ مهل مالڪ! ڇپن تي، هجي شل
محمّدﷺ جو نالو لبن تي، هجي شل

وصيعت هي منهنجي، ٻُڌو غور سان اَڄ
نَبيءَﷺ جو تہ ڪلمو ڪفن تي، هجي شل

قبر ۾ هجان يا ڪٿي پيو، هجان مان
اچو ويس منهنجي بدن تي، هجي شل

عليءَؓ جي تہ دَرَ جي غلامي ڪبي پَئِي
هي جهنڊو حُسيني هٽن تي، هجي شل

هُجي پاڪ پيارو، دلارو سلامت
خدا جي ڪا رحمت وطن تي، هجي شل

هُجي شاد هرڪو، زماني ۾ پيارا
خزان جو نہ پيرو چمن تي، هجي شل

ڏسان پاڪ پياري جي تصوير هردم
هي چهرو نوراني اکين تي، هجي شل

خدا جي پوي مار ڪائي ڪوڙن تي
خدا جي ڪا رحمت سچن تي، هجي شل

لکي نعت ”سرڪيءَ“، نبيءَﷺ جي تہ سِڪَ ۾
نبيءَﷺ جي نگاهہ ڪا ”حَسنَ“ تي، هجي شل

◈

◈

سُهڻو نبيﷺ، سردار نبيﷺ
مُحب منو، منٺار نبيﷺ

دنيا جنهن جي، ڪاڻ بڻي
آهي ڪُلُ، سنسار نبيﷺ

سُهڻو نہ اهڙو، ٻيو ڪوئي
سهڻن جو سردار، نبيﷺ

نُور خدا جو روشن ٿيو
اکڙين جو آ، ٺار نبيﷺ

چاڙهي رَبّ ٿو، شان جنهن جو
عظمت جو، مينار نبيﷺ

آدمؑ کان عيسيٰؑ تائين
آهي مليو، پڳدار نبيﷺ

مسڪينن، لاچارن، لئہ
هينئي جو آ، هار نبيﷺ

”حَسنَ“ ٻيو پڙهہ، صلواتون
هر حال ۾، آڌار نبيﷺ

◈

◈

اَنوکي رهي آ، شهادت، حُسين ع جي
وساري نہ سگهبي، شجاعت، حُسين ع جي

پُٽن تي سَواري ڪندي ٿيو جَوان هو
نبيءَ ﷺ جي محبت، حقيقت، حُسين ع جي

هُيو ڪَنڌُ سجدي ۾ مالڪ جي سامهون
نيزن جي سايي ۾، عبادت، حُسين ع جي

ڪُفرَ جي دلدل ۾، قاتل هُيو جو
حُسيني ٿيو حُرُ، قدرت، حُسين ع جي

نَهرَ تي عباسؑ، ڏيکاريا ٿي جُوهرَ
ملي با وفا کي، اجازت، حُسين ع جي

بچائي ويو دين ناني جو آهي
پئي ياد رکبي، عنايت، حُسين ع جي

ويا ڪيئي ڪُونڌر، سَچَ تان تہ ڪُسجي
هلي پئي دنيا ۾، صداقت، حُسين ع جي

ڪٽائي قلم ۽ لکائي ٿي جيڪا
”حَسنَ“ سَا تہ آهي، محبت، حُسين ع جي

◈

◈

ڪربلا جي سرزمين، توکي سلام
تو ڏنو سِڪَ، پيارُ، اُلفت جو پيام

دين جو جهنڊُو، بُلند، اسلام ٿيو
اِي نبيءَ ﷺ جا لاڏلا، تنهنجو مقام

تو خدا جو راضپو، ظاهر ڪيو
ٿيو عيان هو، راز ڪوئي عام، جام

ٻُوندَ پاڻيءَ ڪاڻ، ٿي سڪندا رهيا
ڪين ٻارن کي مليو، ڪوئي طعام

جيستائين هيءَ حياتي آ، منهنجي
زندگاني آ سموري، تنهنجي نام

مَالُ، دولت، سڀ فدا تنهنجي مٿان
مان عليءَ ؑ جي لال جو آهيان غلام

مان حُسيني ٿي ”حَسنَ“ آهي لکيو
تو وٽان آهي مليو ، جيڪو ڪلام

◈

◈

مٺي آ چوان ٿو، ڪربلا جي ڌرتي
تڏهن مان چُمان ٿو، ڪربلا جي ڌرتي

ٿيو خُونُ ناحق، پنجتن جو آهي
صدين کان پڙهان ٿو، ڪربلا جي ڌرتي

حُسيني هي ماتم، تو ڪيو، آ، برپا
اهو مان ٻڌان ٿو، ڪربلا جي ڌرتي

اُجارن جو شامل، تو ۾ رَتُ رهيو آ
تڏهن مان روئان ٿو، ڪربلا جي ڌرتي

پَڙاڏُو شهيدن جو، پيو ٿو گُونجي
جاڙي پيي ڏسان ٿو، ڪربلا جي ڌرتي

عجب ڪيفيت بس، چائنجي وجي ٿي
جڏهن پيي لڪان ٿو، ڪربلا جي ڌرتي

رهن منتظر ٿيون، هي اَکيون نماڻيون
سَجڻَ سي ڳُولهيان ٿو، ڪربلا جي ڌرتي

عقيدت منجهان جيڪو ”حَسنَ“ لکيو آ
نَظرِ سو ڪيان ٿو، ڪربلا جي ڌرتي

◈

◈

سَچَلَ رحه سَچَ جو سازُ وڄايو
رنديءَ وارو رازُ ٻڌايو

ڄامَ تماچيءَ جي ڳالھ ڪري
نُوريءَ وارو نياز ٻڌايو

خُوديءَ جي حالت مستيءَ ۾
ڪيئنءَ ڪجي پرواز ٻڌايو؟

ٻُوڙ ٻيائي، خيال، اَجائي
تون آن شاھ، شھباز ٻڌايو

منصور جيان، سُولي سجائي
حَقَ سندو آواز ٻڌايو

وسريو روزو ياد، نماز نہ
مست پريـنءَ جو ناز ٻڌايو

آدمؑ کان ”حَسنَ“ اڳي ها سين
انساني آغاز ٻڌايو

◈

◈

دوستيءَ جو قافلو، اڳتي وڌاءِ
دل لڳيءَ جو قافلو، اڳتي وڌاءِ

تو چيو هو پاڻ مون کي اُو پرين
عاشقيءَ جو قافلو، اڳتي وڌاءِ

دل شڪستو ٿي نہ تون ڪنهن موڙ تي
زندگيءَ جو قافلو، اڳتي وڌاءِ

جُستجو ۽ آرزو جاري رکي
شاعريءَ جو قافلو، اڳتي وڌاءِ

جام الفت جو پيري، مون کي بہ ڏي
مئڪشيءَ جو قافلو، اڳتي وڌاءِ

نياز، نوڙت، ٿي رکي معنيٰ ڪائي
عاجزيءَ جو قافلو، اڳتي وڌاءِ

ٻاٽ اوندھ ۾ ”حَسنَ“تون لاٽ ٿي
روشنيءَ جو قافلو، اڳتي وڌاءِ

◈

◈

سُهڻي سَڀَ ڪان منهنجي، سڄني
اهڙي آهي تنهنجي، سڄني؟

سمجهان ٿو مان جَڳَ ۾ اهڙي
ڪونهي ڪائي، ڪنهنجي، سڄني؟

مون کي اڪثر لڳندي آهي
پنهنجن کان وڌ پنهنجي، سڄني

سُونهن نرالي، رُوپُ انوکو
سمجهه کان ٻاهر، اهنجي، سڄني

پيار مان توسان ڏاڍو ڪيان ٿو
چاهت مَنَ ۾، تنهنجي، سڄني

پيار جي منزل ڪنهن لاءِ ڪهڙي؟
سمجهه وارن لئہ، سهنجي، سڄني

جُوڙَ خُدا جي، ”حَسنَ“ ڏسان ٿو
سُونهن ۾ سَرسُ ۽ سادي، سڄني

◈

◈

رُوئان تو پيو، تنهائيءَ سان
تڙپان تو پيو، تنهائيءَ سان

ڪير آ دشمن، ڪير آ پنهنجو؟
سمجهان تو پيو، تنهائيءَ سان

يادن جي هندوري ۾ لُڏي
ڪيڏان تو پيو، تنهائيءَ سان

ڳُوڙها ڳاڙي پنهنجو وجود
ڌوئان تو پيو، تنهائيءَ سان

شعرن ۾ لفظن جي مالها
پويان تو پيو، تنهائيءَ سان

مَنَ ۾ لڪيل، رَازَ ڪيئي
کوليان تو پيو، تنهائيءَ سان

خيالن جي دنيا ۾ پاڻ کي
روليان تو پيو، تنهائيءَ سان

”حَسنَ“ هجر جا گيت ڪي ڳائي
ٻوليان تو پيو، تنهائيءَ سان

◈

## (ناميارِي شاعر اياز گل جي نالي)

سنڌي ٻوليءَ جو شان، ايازگُلُ
آهي ادب جو مان، ايازگُلُ

سڀ ڪي تو گُلَ آڇي، خوشبوءَ وارا
اهڙو آهي گلدان، ايازگُلُ

پيار، وفا جا، گيت پيو تو ڳائي
سِڪَ الفت جو سامان، ايازگُلُ

بيداريءَ جا گيت لکي شعرن ۾
پيو تو ڪري اعلان، ايازگُلُ

مَهميرُ جوان، جُوڌو سنڌ جو سَپُوت
دشمن جي لئہ دهمان، ايازگُلُ

”حَسنَ“ ڪدورت ڪان تو، هُو پري رهي
آهي محبتي انسان، ايازگُلُ

◈

◈

سُونهن سندي سرهاڻ، اکين ۾
خوابن جي آ، کاڻ، اکين ۾

سالن کان ٿا جذبا جُهومن
اُلفت جي مهراڻ، اکين ۾

پيار جي ڪا پيي صورت ڪُونهي
احساسن کي آڻ، اکين ۾

نازڪ چهري وارا سائين
ڇا جي اٿئي آلاڻ، اکين ۾؟

نيڻ ملائي نيڻن سان اڄ
صورت پنهنجي ماڻ، اکين ۾

”حَسنَ“ حياتي توري لڳي ٿي
پيار جي آ، پيلاڻ، اکين ۾

◈

◈

تنها رهجي ويا سين، تنهنجي شهر ۾
تنهنجي ڪاڻ رلياسين، تنهنجي شهر ۾

توکي اپنائڻ جي، خواهش رکي
ڳُوڙ ڇڏي آياسين، تنهنجي شهر ۾

اَرمان اَڌورا، رهجي ويا سارا
ڪيڏا خواب ڏٺاسين، تنهنجي شهر ۾

هر ڏينهن، ڏهينءَ وانگي ٿو گُذري جَڻُ
ڪارا ويس ڪياسين، تنهنجي شهر ۾

خوشيون ساريون، توکي اَرپي سائين
ڪيڏا سُورَ سَناسين، تنهنجي شهر ۾

پرڇائڻ وارو، هڪ تون ئي تہ هُئين
ٻارن وانگي رناسين، تنهنجي شهر ۾

تون سهيلن سان، ڏاڍو خوش ٿي گُهمين
تو لئہ دوست ڇڏياسين، تنهنجي شهر ۾

ڪنهن درد نہ سُڃاتو، اڄ تائين ”حَسنَ“
ٽُوڙي جو تڙپياسين، تنهنجي شهر ۾

◈

◈

پيار مون سان تي ڪري، هڪ ڇوڪري
مون تي تي ڏاڍو مري، هڪ ڇوڪري

لال لبڙن ۾ رَئي، جي ڪُندَ ڏئي
سامهون منهنجي تي ڪلي، هڪ ڇوڪري

نَازَ، نخرا، خُوب ٿا هُن جا وٽن
مُورَ وانگي تي ٽلي، هڪ ڇوڪري

تو سوا سچ مان، مري ويندس مٺا
رُوز مون کي تي چوي، هڪ ڇوڪري

يا خدا رکجان سلامت يار کي
پئي دعائون تي گهري، هڪ ڇوڪري

پيار تنهنجو آ، مون کي سڀ کان مٺو
پئي ”حَسنَ“آهي ڳلي، هڪ ڇوڪري

◈

◈

يادگيريون يَارَ، ٽيندي پئي وڃي
هُوءَ مونکان ڏار، ٽيندي پئي وڃي

زندگيءَ جا رنگ ٿي بي رنگ ويا
زندگاني خار، ٽيندي پئي وڃي

دل سندو ميدان خالي ٿي ويو
ڪا اَنوکي هار، ٽيندي پئي وڃي

جيئڻ جو هٿرو ڇڏايو هُنَ مون کان
سُرمئي ڪا سار، ٽيندي پئي وڃي

ڏَارَ تي لٽڪيل ڏسان ٿو پاڻ کي
ڪا تکي تلوار، ٽيندي پئي وڃي

مَنُ تنبورو ٿي ويو آهي "حَسنَ"
شاعري جَڙُ تار، ٽيندي پئي وڃي

◈

◈

خوبصورت زندگي آ، تي وئي
ها جڏهن ڪان دل لڳي آ، تي وئي

ڪر يقين منهنجي زبان تي اُو مڃي
مون ڪي توسان عاشقي آ، تي وئي

اچ اَچانڪ پاڻ ئي تنهنجي اڳيان
پيار پوڄا، بندگي آ. تي وئي

روشني ئي، روشني آ، هر طرف
چنڊ جي هيءَ چاندني آ، تي وئي

پرهه جي پُوئين پهر ۾ دلربا!
جاڳندي ڏس شاعري آ، تي وئي

سُونهن تنهنجي سادگيءَ جو، آ ڪمال
سچ مُبارڪ هر گهڙي آ، تي وئي

پاڻ کي مان پاڻ ۾ پانئيان نہ ٿو
زندگي منهنجي اهڙي آ، تي وئي

دير سان مُوٽڻ ٿيو آهي ”حَسنَ“
اچ خوشيءَ ۾ مئڪشي آ، تي وئي

◈

## (ڏيءُ پارس جي پيدائش تي)

پاڳن واري آئي، پارس
ڏينهن ڀلي ۾ ڄائي، پارس

منهنجي مَنَ ۾ مُونجهه هُئي جا
اَڇڻ سان مُونجهه مٽائي، پارس

اهڙي ڪنهن جي نياڻي ڪونهي
جهڙي مون آ، پائي، پارس

رات وڏي آ، روشن ٿيڻ لئه
اڌ رات جو آ، ڄائي، پارس

سُرهو جيون آهي ٿي ويو
مالڪ! پاڻ، ملائي، پارس

جهڙو نالو امڙ چنيءَ جو
اهڙي پَرورَ، ٻڻائي، پارس

مون کي ڏاڍي پياري آهي
ماڪي، مصري، لائي، پارس

سُونُ سراپا، پارس، بابا
سونُو رُوپ ٿي، آئي، پارس

مُولا ڪيس، حياتي بخشي
ٻڏبي نيٺ تہ، مائي، پارس

سُرهي سَاوڪَ، وانگي ”سَرڪي“
شاد هجي شل، سائي، پارس

◈

## (پٽ احمد شهزاد جي پيدائش تي)

ڏسڻ ۾ سُهڻو، سنڙو، احمّد
رنگ جو پيارو، منڙو، احمّد

رُوشن دل جي دنيا تي وئي
چندڊ چوڏهينءَ جو، اهڙو، احمّد

وٽندڙ گُلَ، گُلابيءَ وانگي
ماکي، مصريءَ، جهڙو، احمّد

ٻَازُو پنهنجا، ٻيٽا ٻانيان
نيٺ تہ ٿيندو، وڏڙو، احمّد

مون کي ڏاڍو، وٽندو آهي
گهر سڄي ۾، هڪڙو، احمّد

ماءُ پيءُ جي، اکين جو تارو
ٿيندو سَدورُو، پٽڙو، احمّد

”سَرڪي“ صورت، ساڳي سهٽي
نندپڻ پنهنجو، تهڙو، احمّد

⟐

◈

شاعري، دل جي، ڪٿا جو، نانءُ آ
ڊائري، دل جي، ڪٿا جو، نانءُ آ

دل جي ڌهڙڪن تي، رکي هَٿُ، تو چيو
دل لڳي، دل جي، ڪٿا جو، نانءُ آ

دوست! تنهنجي دوستيءَ جو، آ، قسمُ
دوستي، دل جي، ڪٿا جو، نانءُ آ

عاشقن جي ذات ڪا، ٿيندي نہ آ
عاشقي، دل جي، ڪٿا جو، نانءُ آ

تون ڇَريو، جنهنکي، چوين ٿي، اڄ هتي
سُو ڇَري، دل جي، ڪٿا جو، نانءُ آ

ڪُو شرابي، پاڻ، ٿيندو، آ، ڪٿي؟
مئڪشي، دل جي، ڪٿا جو، نانءُ آ

دلربا! توکان، وفا ٿيندي ڪڏهن؟
دل سَچي، دل جي ڪٿا جو، نانءُ آ

هوءَ جيڪا، سُونهن تو سامهون ڏسين
سَا، سکي، دل جي ڪٿا جو، نانءُ آ

جيئڻ پيي گُذري، گُذاري ڇڏ "حَسنَ"
زندگي، دل جي، ڪٿا جو، نانءُ آ

◈

◈

ڪيڏو جلدي ڏار، ٽي ورياسين
تنها، تنها، يار، ٽي ورياسين

شاخون پَٽَ تي، پاڻ ڪريون ٽي
ڪپيل وڻ جا ڏَارَ، ٽي ورياسين

جيت اسان جي، ٽي آ، ليڪن
ماڻهن جي لئہ هار، ٽي ورياسين

آٿت دل کي، چين، ملي ٿو
سهڻي سڄڻ جي سار، ٽي ورياسين

سنڌ جي ڌرتي، معاف ڪجان تون
پاڻ اسان اغيار، ٽي ورياسين

ڪاٽي هوشو، هيمون، ڪاٽي
معصومڙا ٻار، ٽي ورياسين

تنهنجي سينڌ، سَنوارڻ خاطر
جيئي سنڌ جي ڏَار، ٽي ورياسين

تون ئي، تون آن، سامهون منهنجي
اهڙي "حَسنَ" نهار، ٽي ورياسين

◈

## (ايڪتا ڏينهن جي مناسبت سان)

ٽُوپي، اَجرڪ ، شان، سنڌين جو
اعليٰ هر هنڌ، مان، سنڌين جو

جيڪي سنڌ جو، کائن، پيئن ٿا
اُنهن تي احسان، سنڌين جو

جنت کان وڌ آهي ڌرتي
دوست اهو، ايمان، سنڌين جو

هُوشو، هيمون، گهاتو ڀائِرَ
گهُوٽ ڀٽائي، خان، سنڌين جو

مون تہ هميشہ، ڀانيو آهي
شاهہ لطيفؒ، قرآن، سنڌين جو

ڪُونڌر ڪيئي، ڪُسجي ويا هن
سَنَ وارو، پڳوان، سنڌين جو

سنڌ ۾ جيڪو، ڌاريو ماڻهو
سُو، آهي، مهمان، سنڌين جو

سنڌو ديش جي نعري سان ئي
آزادي اعلان، سنڌين جو

ٽوپي، اجرڪ آهي ”سَرڪي“
سُونهن سندو سامان، سنڌين جو

◈

◈

جيڏي اُلفت، گهٽي ٿيندي
دل ڪي حسرت، گهٽي ٿيندي

تون مان ڪاٿي بہ هُجئون ليڪن
دوست ! ضرورت، گهٽي ٿيندي

جي سِڪَ ۾ خُلوص، سچائي آ
پيار جي رحمت، گهٽي ٿيندي

اُلفت وارن جي مٿان اڪثر
رَبَ جي قدرت، گهٽي ٿيندي

هڪڙي ڏينهن تون ڏسجان توکي
مون سان چاهت، گهٽي ٿيندي

تون جي سَاٿُ، هوندين مون سان
جسم ۾ طاقت، گهٽي ٿيندي

پيارَ وارن ڪي، تنهائيءَ ۾
حُسنَ تي حيرت، گهٽي ٿيندي

مرد جي پيٽ ۾ ڏسجان ”سَرڪي“
جڳ ۾ عورت، گهٽي ٿيندي

◈

◈

حسرتن جي دَامَ ۾ ڦاسي پيو
ڪُو اڪين جي دَامَ ۾ ڦاسي پيو

ڳُوٺ جو سادو، سپاجهو آدمي
شهرتن جي دام ۾ ڦاسي پيو

پيار جي ورڪا ڪندي ٽڪجي پيو
نفرتن جي دام ۾ ڦاسي پيو

دَمَ، دلاسن تي رڳو، ڌوڪا مليا
آسرن جي دام ۾ ڦاسي پيو

سُونهن جي ديوي پَسي ڪو ڇُوڪرو
چاهتن جي دام ۾ ڦاسي پيو

راحتون ڀُوساٽجي، گُهٽجي مُئيون
راحتن جي دام ۾ ڦاسي پيو

مُشڪلاتون رَاهَ ۾ ڪنڊا رڳو
آفتن جي دام ۾ ڦاسي پيو

ڪُو اَچانڪِ، حُسنَ جو، جُوڀن ڏسي
رونقن جي دام ۾ ڦاسي پيو

◈

◈

ياد جو توکي ڪيم، ڪلهه رات جو
دير سان ڏاڍو ستم، ڪلهه رات جو

چِرڪُ نڪري ويو، اُٿي ويهي رهيم
خواب کو اهڙو ڏٺم، ڪلهه رات جو

چنڊ سان ڳالهيون ڪري، ڪي پيار جون
بس! پئي تارا ڳڻيم، ڪلهه رات جو

پاڻ ويهي، جِتِ ڪيون سي ڳالهڙيون
اُت خيالن سان ويم، ڪلهه رات جو

پيار جي هرڪا گهڙي سامهون هُئي
يادگيرين سان رنم، ڪلهه رات جو

اڄ بہ دل، تو لئہ ڇَري بيتاب آ
مان تہ تنهنجو ئي هيم، ڪلهه رات جو

سَارَ جي گُهلندڙ هوائن سان "حَسنَ"
شِعرَ ڪي لکندو رهيم، ڪلهه رات جو

◈

◈

پيار سان دل سجايم، پَلُو ئي ڪيم
نينهن ڪنهن سان لڳايم، پَلُو ئي ڪيم

ٻاڻَ پنهنجي هٿن سان ڏئي دل ڪنهن کي
لُوڪَ وارا ڪلايم، پلو ئي ڪيم

پاڻ مونکي ڇڏي، هو تہ آهي ويو
مان تہ هُن سان نڀايم، پلو ئي ڪيم

ڇاڻ پئجي وئي ڪير ڪنهنجو آهي؟
ڪين پنهنجي هلايم، پلو ئي ڪيم

راهہ ويندي حياتي جي آساني لئہ
ڪا رڪاوٽ هٽايم، پلو ئي ڪيم

دور ڪُلفت ڪري، ڪُوڙ ڪيني منجهان
جَانِ پنهنجي ڇڏايم، پلو ئي ڪيم

پيار سان جڳ نهي ٿو، حياتي ”حَسنَ“
پَيارُ هر جا ورهايم، پلو ئي ڪيم

◈

◈

هڪڙي ڏينهن مَري، ويندس مان
ڪائي ياد ڇڏي، ويندس مان

خُوشيون ٻين کي، اَرپي ساريون
جهان غمن جو ڪٽي، ويندس مان

ڏاڍا اَرمانَ، پيا ٿيندا
پنهنجو نانءُ ڪري، ويندس مان

خاموشيءَ جو، سفر نرالو
لَحدَ ۾ نيٺ لهي، ويندس مان

ڪوئي ڳوڙها، هاري مَتان
مُرڪ چپن تي رکي، ويندس مان

شعرن ۾ پيا، ڏسجو مون کي
پنهنجا شعر ڇڏي، ويندس مان

شاعر ماڻهو، مرندو ناهي
سڀ کي ائينءَ چئي، ويندس مان

”حسن“ اکين ۾ لُڙڪ لڪائي
ٻين کي لڙڪ ڏئي، ويندس مان

◈

◈

ڪَجُو معاف سائين اسان جي خطا کي
پيا ياد رکجو اسان جي وفا کي

پرين ڪيترو مون خدا کان گُهريو آ ؟
ڏسان ٿو پِيو اڄ هٿن جي دُعا کي

اکين تي رکيو مون سَويري اُٿي آ
مٺا خيرپور جي مٺي هن فضا کي

جڏهن شهر منهنجو هميشہ ڇڏين ٿو
ڏجان ڪو نياپو تون گُهلندڙ هوا کي

پَلي ڏي تون مونکي پرين پِٽَ پاراتا
دُعا ٿو مان سمجهان تنهنجي بد دعا کي

هُجي شل سلامت، جتي پِي هجي هُو
مان چوندو رهان ٿو اهو ئي خدا کي

ڪري ياد توکي پيو ٿو هي ”سَرڪي“
وڃي ڇئجان ائين تون منهنجي صبا کي

◈

◈

ڏئي لُڙڪَ تحفا، اکين کي هلي وئي
لڳي ٿو وڇوڙي جي، موسم اچي وئي

ڪڏهن پيي نہ ملبو، چگو مان هلان ٿي
اهي لفظ سامهون آ، مونکي چئي وئي

ورهين جي محبت تي تالا لڳي ويا
اسان کي ڪيئي جي، سزا چڻ ملي وئي

تلاشي، تلاشي، پيا نيڻ ٿڪجي
خوشي موڪلائي، حياتي رسي وئي

پَري ٿي پربڻ ڪان، اَڌورا ٿي وياسين
نظر ڪا زماني جي، اهڙي لڳي وئي

رهيو پيار، پيارا، نہ ڪاٿي بہ آهي
هوا يَارَ ”سَرڪي“ ڪا، اهڙي گُهلي وئي

◈

◈

ڪين ٿي مون کان جدا، آ، شاعري
رُوحَ منهنجي جي غذا، آ، شاعري

ڇُو پَلا غمگين، دنيا ۾ تجي؟
دوست! دردن جي دوا، آ، شاعري

پيار تي پهرو نہ ڪوئي، شل هجي
پيار وارن جي صدا، آ، شاعري

مان لکڻ کان ڪين واقف، اڳ هيم
ٿي وئي اڄ، ابتدا، آ، شاعري

مَامَ ۾ کُولي، بيان ڪوئي ڪري
رَازُ لڪندو ڪو ادا، آ، شاعري

ٿي اچي ڪاڏانهن، پتو ڪوئي نہ آ؟
لا مڪان ۾، لاپتا، آ، شاعري

ڏينهن ڪافي ٿي ويا، آهن لِکي
ٿي وئي اڄڪلھ خفا، آ، شاعري

پاڻ مونکان، اڄ "حَسنَ" آهي پڇُو
هوندي آخر ڇا، پلا، آ، شاعري؟

◈

◈

اَندرَ ۾ خيال، ڦتڪي تو
ماضي ۽ حال، ڦتڪي تو

شَل ڪُو جاچي، چوي چا تو؟
پيٽ تي گھڙيال، ڦتڪي تو

نفرت ۾ روز، واڌارو
الفت جو قال، ڦتڪي تو

مون وٽ ڪنهنجي امانت آ؟
هٿ ۾ رومال، ڦتڪي تو

چو نہ وفا تي، ملي ڪاٿي؟
سوچن ۾ سوال، ڦتڪي تو

پيارا! ڪنجوسَ، ماڻهوءَ جي
کيسي ۾ مال، ڦتڪي تو.

”حَسنَ“ نئي سال جون خوشيون
ويندڙ ڪو سال، ڦتڪي تو

◈

◈

اسان سان ٺهيل هي، زمانو ٻہ ڪونهي
جيئڻ لاءِ ڪوئي، بهانو ٻہ ڪونهي

وَڏا ڪيڏ ڏسٽا پيا زندگيءَ جا
اُهو وقت ساڳيو، سهانو ٻہ ڪونهي

وڃي ميڪدي ۾، سُڪون ماڻبو هو.
ڪُليل هاٽي ڪوئي، ميخانو ٻہ ڪونهي

ڪٽي گڙُ ڪَمان، مون سيڪاريو هو جنهنکي
سوا منهنجي ڪوئي، نشانو ٻہ ڪونهي

اَلائي تہ ڇا، تي ويو آهي هُن کي؟
اَڳي جهڙو تازو، توانو ٻہ ڪونهي

بنا ڪنهن فڪر جي، حياتي پئي گذري
”حسنَ“ اهڙو ڪُو، آشيانو ٻہ ڪونهي

◈

◈

بَمَ ۽ گوليون آهن
رَتُ جون هوليون آهن

ڪنهن معصوم کي خوف مان
ماءُ جون لوليون آهن

ڏينهن ڏٺي جو ڇُوئنڪ تي
ڦاٽيون چوليون آهن

دهشت گردن جون رڳو
وطن ۾ ٽوليون آهن

بُک ۽ مهنگائيءَ جون
وڏنڊڙ چوليون آهن

تو وٽ نفرت واريون
پيارا ڳالهيون آهن

سمجهه وارن لئه سِڪَ جون
واٽون سوليون آهن

"حَسنَ" اسان وٽ ڇڙيون
پيار جون ٻوليون آهن

◈

◈

ڳُل ڳُلزاري، واھ، واھ!
دنيا ساري، واھ، واھ!

ڏسڻ سان، مَنُ ٿي مُوھي
عورت پياري، واھ، واھ!

سُرهاڻ پئي، بخشي
ڳُلن جي ڪاري، واھ، واھ!

سنڌ جي ھر منظر ۾
آھي بهاري، واھ، واھ!

خُوبُ ٿي سيئَرَ ڪرائي
پيار جي لاري، واھ، واھ!

پاڻ ٻنهي جي وچ ۾
ھلندڙ ياري، واھ، واھ!

اڳتي ٿي نظر اچي
اڄ جي ناري، واھ، واھ!

”حَسنَ“ حياتي پنهنجي
اُلفت واري، واھ، واھ!

◈

◈

جيون ٿانڊا، ٿانڊا، سائين.
گھاوَ ڏنا تو اهڙا، سائين

تو تہ وڇايا آهن، هٿ سان
رستي ۾ هي ڪنڊا، سائين

مون کي اڪثر لڳندا آهن
ڪُوڪن ڪان وڌ طعنا، سائين

نالي ۾ رڳو بچيا آهن
پنهنجائپ جا رشتا، سائين

ڌرتيءَ جي هر هڪ ڏاڙي ۾
چورن سان گڏ پنهنجا، سائين

ڪجھ غيرن جا، ڪجھ پنهنجن جا
نانوَ ڪٿان مان ڪنهنجا، سائين؟

ڪهڙا ڳائي، ڪهڙا ڳايان؟
تنهجا آهن ٿورا، سائين

هر ڪو پنهنجو، لڳندو آهي
پيار جا رنگ نرالا، سائين

”سَرڪيءَ“ جهڙي، شاعر وانگي
حال نہ بدليا سنڌ جا، سائين

◈

## (ڏيءَ پرهه جي پهرين جنم ڏينهن تي)

پِرهَ اکين جو تارو بڻي
منهنجو سڀ ڪجهه يار بڻي

هُونئن ته سڀ ڪان آهي ڪٿيو
هُن جي آڏو هارو بڻي

مُکَ تي رابيل ٽڙيا
مُرڪن جا انبار ڪٽي

بچپن جو عڪس ڏسان ٿو
سُرهي، سُرهي سار بڻي

شاهه لطيف رحه جي وائيءَ جيان
تنبوري جي تار بڻي

پهرين جنم ڏهاڙي تي
بزم پريءَ جي بهار بڻي

جيون جو سرمايو ”حَسنَ“
ماکي، مصري، لار بڻي

◈

◈

پَٽُو زندگيءَ جو نہ هرگز پَوي ها
اگر پيار ڪنهن سان، ڪڏهن ڪين ٿي ها

ڪيان پيار توسان، مان ڪهڙي خوشيءَ ۾
اهي لفظ سامهون، نہ مون کي چوي ها

اَڃي سيج منهنجي، سَجائي ها سائين
مان سمجهان هان منهنجو، کُلي بخت پئي ها

ڊگهي ڪنهن مسافت جي منزل ڏيکاري
مسافر کي اڌ ۾، ڇڏي نہ وڃي ها

زماني ۾ هر ڪو ٿو مسرور گهاري
اسان کي بہ جيڪر، خوشي ڪا ملي ها

ڏسان ٿو چُمان ٿو، لڪيرن کي هر هر
”حَسنَ“ نانءُ پنهنجو، نہ هٿ تي لکي ها

◈

◈

خبر پئي آ، خوش ٿي گھاري
مون ڪي وساري، مون ڪي وساري

ياد جا گهرڙا، ڍاهي هٿ سان
مون ڪي ڇڏيائين، جيئري ماري

چاهت جي راهن تي اڄ ٻي
دل ٿي منهنجي، هن ڪي پڪاري

ظالم! ڪي پل، ظلم ڪرڻ ڏي
نيٺ تہ ٿڪبو، ماري، ماري

پيار جي ڪُنَ ۾ قاتل ڪوئي
ڪيئَن اڪيلي، ٻيڙي تاري؟

هُن جو ٿيندو، ڇا مان آهيان؟
پُوءِ پلا ڇو، مون ڏي نهاري؟

”حَسنَ“ اَڪيلائيءَ جي ٻَنَ ۾
دل ٿڪجي پئي، ڳوڙها هاري

◈

◈

قطارون ڪري گهر، وڃن ٿا پکيئڙا
رَهُو پاڻ ۾ گڏ، چون ٿا پکيئڙا

چڏيو يار نفرت، ڪيو سَڀُ محبت
محبت جون ٻوليون، ٻولن ٿا پکيئڙا

پکي پيار وارا، اُڏامن پَيا ٿا
ڪيڏي لاتِ منڙي، لَنونِ ٿا پکيئڙا

سفر جا ڪشالا، ڪري پنڌ سجايا
اَچي پاڻ ۾ پُو، ملن ٿا پکيئڙا

پرهه جي پهر جون، پڪارون ڪري ڪي
صُبح ٿي وئي آ، سڏن ٿا پکيئڙا

ڏسڻ سان اکين کي، تراوت ملي ٿي
”حَسنَ“ لاَمَ ٿي ڏِسُ، لڏن ٿا پکيئڙا

◈

◈

هَلـــي، وَڄُ
ڪلـــي، وڄ

اَڱــڻ تـــي
تلـــي، وڄ

پـــرينءَ ڏي
پڄـــي، وڄ

خوشيءَ مان
ڪــڏي، وڄ

ڪـا راحـت
ڏئـــي، وڄ

غمــن ڪــي
ڪٽـــي، وڄ

پنهنجـــو اڄ
چئـــي، وڄ

”حَسـنَ“ سان
ٺهـــي، وڄ

◈

◈

همتون، حُوصلا، يَارَ، هاريو متان
جرئتون، حُوصلا، يَارَ، هاريو متان

سنڌ گُهري ٿي جياپو، جيئڻ ڏيو مون کي
راحتون، حوصلا، يار، هاريو متان

لُوهَہ کان وڌ ارادا، ڪري پيا هلو
چاهتون، حوصلا، يار، هاريو متان

پنهنجو ماضي، سُهڻو ۽ سُنو، آ رهيو
محبتون، حوصلا، يار، هاريو متان

هڪ ٻئي سان حياتي گذاري ڇڏيو
آٿتون، حوصلا، يار، هاريو متان

خير سان، خير جو، خيرپور، هو ”حَسنَ“
رونقون، حوصلا، يار، هاريو متان

◈

◈

حقيقت ڪان غافل
محبت ڪان غافل

ڪمينو رهي ٿو
شرافت ڪان غافل

ڪوڙو آدمي آ
صداقت ڪان غافل

اَڄوڪُو زمانو!
هدايت ڪان غافل

محبت هِميشه
عداوت ڪان غافل

رهي شُومُ ماڻهو
سخاوت ڪان غافل

عداوت ۽ نفرت
عبادت ڪان غافل

چوري باز ماڻهو
آ، عورت ڪان غافل

”حَسنَ“ جي حياتي
ڪدورت ڪان غافل

◈

◈

ڪنهن ڪي وسارڻ، سولو ناهي
دل مان ڏڪارڻ، سولو ناهي

وَسَ هلايا، ڌاڍا آهن
نفس کي مارڻ، سولو ناهي

سَڄڻَ سوا، سنسار ۾ سائين
تنها گهارڻ، سولو ناهي

تون بہ اڪيلو، گهاري ڏسجان
ائينءَ گُذارڻ، سولو ناهي

جيت بہ تيندي آهي جاني
پيار ۾ هارڻ، سولو ناهي

جذباتي لَهجي کي پيارا
ايڏو ٺارڻ، سولو ناهي

سَڀَ جي سامهون تنهنجو ”سَرڪي“
نانءُ اُچارڻ، سولو ناهي

◈

◈

سُونهن توکي ڏسي، شاعري ٿو ڪيان
ويهُہ سامهون اچي، شاعري ٿو ڪيان

محبتون، چاهتون، راحتون، قسمتون
پَاڻَ آيون هلي، شاعري ٿو ڪيان

جُستجو، آرزو، پيار جي سڀ دَيا
پيار ۾ دل ڇري، شاعري ٿو ڪيان

ٽَهڪَ هلڪا ڪڏهن، شال تنهنجا نہ ٿين
مُرڪَ خوشبو بڻي، شاعري ٿو ڪيان

هير ٽڏڙي صبح جي، وٽي، ٿي وٽي
ڪوُڪَ ڪويل ڪئي، شاعري ٿو ڪيان

لُڙڪ منهنجا هُيا، مَاڪَ جا ڪي ڦُڙا
رات مون سان رني، شاعري ٿو ڪيان

پيار اُتساهہ بڻيو آ، لکڻ جو ”حَسنَ“
ذات تو جو ڏني، شاعري ٿو ڪيان

◈

◈

ڪڏهن ڪين ڪنهن ڪان، گلاب مليا
اسان کي رڳو بس، عذاب مليا

پَلُو جنهن جو چاهيو هميشه مون
انهيءَ کان اڳي پو، حساب مليا

چَريُو ڪوئي پاگل، ديوانو آ
زماني جي طرفان، خطاب مليا

ملڻ جي نه ڪوشش، ڪجان هاڻي
اهڙا يار هن کان، جواب مليا

اَڪيلائيءَ سان، دل پيا بهلايون
اسان کي اَدَبَ جا، ڪتاب مليا

گناهن جي دلدل ۾ لاهي ويو.
مون کي ڏُوهہَ، هن کي، ثواب مليا

جڏهن پيي نگاهن، نهاريو آ
اوهان جي مُکَ تي، نقاب مليا

”حَسنَ“ ميڪدي کان پري ٿياسين
نه ڪي سُونهن، ساٿي، شباب مليا

◈

◈

زمانو چوي ٿو، جدا، ٿي ويا هُون
فنا ڪان اڳي ئي، فنا، ٿي ويا هُون

ٻُڌايو ڪنهن توکي غلط آهي سڀ ڪجهه
اسان يَرَ ڪٿي، بي وفا، ٿي ويا هُون

اسان کي هميشه، مليون بددعائون
اسان پر سڀِن لئه، دعا، ٿي ويا هُون

ڪيو يار محسوس پنهنجي جسم سان
اسان اهڙي گُهلندڙ هوا، ٿي ويا هُون

حقيقت ۾ سڀ ڪجهه محبت ئي آهي
اسان ابتدا، انتها، ٿي ويا هُون

اچي ماڻِ ڪوئي مزو، زندگيءَ جو
اسان ڪنڊ، ماڪي، مٺا، ٿي ويا هُون

هيون ڪُجهه، ڪَسايون، ڦِڪايون اسان ۾
اڳي ڪان ٻه هاڻي، پِلا، ٿي ويا هُون

سُجاڻي "حَسنَ" کي، ڪيو يَارَ پنهنجو
اوهان بن اسان ڇڙ، سجا، ٿي ويا هُون

◈

◈

تنهنجو نہ اهو مَاڳُ
جاڳُ، مسافر، جاڳُ

هَلُ تہ هلي، ٻُڌئون ڪو
شاهہ لطيف جو راڳُ

وقت اچي ويو آهي
سنڌي ٿي تون سُجاڳُ

منزل سامهون اٿئي
اُٿُ، ڪٽئي نہ نياڳُ

سڀ کان بهتر آهي
سائي سبزي ساڳُ

عورت دانيهندي رهي
ماريو ويو آ، سُهاڳُ

تنهنجي دل ۾ هجان شل
ڪاٿي آهي ڀَاڳُ

منهنجي موت جي خبر جو
پڙهجان "حَسنَ"، مُهاڳُ

◈

◈

ڀِٽائيؒ، سچلؒ جو رسالو، ڇُمان ٿو
محبت جو جنهن ۾ حوالو، ڇُمان ٿو

وَئي سيئڙَ وچ ۾ ، ڪري پيار امرت
مان ميهار، سهڻيءَ جو نالو، ڇُمان ٿو

ڀِٽائيؒ چيو آ، نڪي بيت آهن
انهن آيتن جو اجالو، ڇُمان ٿو

ڀَلي دُوست، دُشمن، چوي ڪوئي مون کي
سچلؒ جي سچائي جمالو، ڇُمان ٿو

رَکي ماروي لَڄَ، ترين جي وئي آ
مان عورت مثاليءَ جو نالو، ڇُمان ٿو

ڪھاٽيون ڪي جڳ ۾، نـهن ۽ ڏهن ٿيون
اَڙانگي سفر جو ڪشالو، ڇُمان ٿو

ڏني سُرڪَ سُهڻيءَ مُرڪي هٿن سان
رَڪيل مان اُهو اڄ ڀے، پيالو، ڇُمان ٿو

ڏسان ٿو پڙهان ٿو، ”حَسنَ“ چَاهـَ منجهان
ڇپيل پنهنجو هر، هر مقالو، ڇُمان ٿو

◈

◈

سُنسان ڳلين ۾ ڇاتو ڳُولهين؟
بيجان ڳلين ۾ ڇاتو ڳُولهين؟

اَڄُ نہ سپاٽي، نيٺ ڇڏيندين
مهمان ڳلين ۾ ڇاتو ڳُولهين؟

ڪنهن سان ڪين، نڀايو انهن
شيطان ڳلين ۾ ڇاتو ڳُولهين؟

ايمان ڪٿي رهيو آهي؟
بيمان ڳلين ۾ ڇا تو ڳُولهين؟

ساڳي خوشبو، ساڳيا ماڻهو
زندان ڳلين ۾ ڇاتو ڳُولهين؟

”حَسنَ“ سَويري، سِجَ ڪان هَلئُون
ويران ڳلين ۾ ڇا تو ڳُولهين؟

◈

◈

مُستقبل جا معمار، اُٿُو
نندڍ نياڻيءَ مان يار ، اُٿُو

سنڌڙي پنهنجي سورن ۾ آ
سنڌي سنڌ جا سينگار، اُٿُو

پٽڪو، اجرڪ، ٽوپي پائي
هٿ ۾ ڪهاڙي هالار، اُٿُو

مايوسيءَ جا ڪکر هٽائي
هڪ طاقت ٿي ڪنڌار، اُٿُو

جيئي سنڌ جا نعرا هوندا
آزاديءَ جا آڌار، اُٿُو

ٻنيون، ٻارا، سُڪن پيا تا
گُلڙا ڦُٽن گلزار، اُٿُو

ويري پاڻ ئي سنڌ ڇڏيندو
اهڙي ڪَري گُونجار، اُٿُو

دشمن سان جنگ جُوٽي آ ”سَرڪي“
هُوش سنڀالي هيڪار، اُٿُو

◈

◈

ٿُو پاڻ ڇيو هو مان ايندس، سَالَ نئي ۾
توکي درشن پنهنجو ڏيندس، سَالَ نئي ۾

اُوسيئڙو تنهنجو پيچو يار، ڇڏي ئي نہ ٿو
تنهنجي موٽڻ جي راهہ ڏسندس، سَالَ نئي ۾

ڪڏهن بہ رنجش جي ديوار نہ ايندي وچ ۾
توسان مُرڪي هاٿي ملندس، سَالَ نئي ۾

ڏيہُ سُڄو ٿي ويو آ، توبن منهنجا سائين
سُڄَ ۾ مان ڪيئنءَ گُذاريندس، سَالَ نئي ۾

هُونئَن تہ توسان ڪڏهن، حساب نہ ڪيو آهي پَر
تو تان قربان مان ٿيندس، سَالَ نئي ۾

ڪي سَالَ وئي ٿي ويا آهن توکي هتان
واپس مُوٽُ، نہ تہ مري ويندس، سَالَ نئي ۾

”حَسنَ“ وساري ڇڏيان، يا توکي ياد ڪيان
ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ سوچيندس، سَالَ نئي ۾

◈

◈

تنهنجي جُهولَ ۾، ٻارَ جو منظر
مون لئہ بڻيو، آزارَ جو منظر

توکي جڏهن بہ ڏسندو آهيان
لڳندو آهي، بهار جو منظر

ٻُولَ مٺا تا رهن، زبان تي
سُونهن سدائين، سار جو منظر

جاڏي نظر ڪيان تو تاڏي
سامهون آهي، يار جو منظر

اُن ڏينهن مَري نہ وڃان شايد
ڏکيو هوندو، ڏار جو منظر

چاهت وارا گيت، هُجن شل
هرڪو ڀَاسي، پيار جو منظر

ڳالهہ لبن تي ڪيئن اَچي "سَرڪي"
آهي ڏکيو، اظهار جو منظر

◈

◈

منهنجي گهر ۾ ڪنهن جا، ڪڙڪا ها؟
رات ڪٿي گُولين جا، ٺڙڪا ها؟

هُن جو هر لفظ، رکي معنيٰ ڪا
ڪير چوي ٿو تہ اهي، دڙڪا ها؟

اک لڳي نہ هُئي، رات سُوچن سان
تنهنجي يادن جا بس، کڙڪا ها

گرم هوائون، مَنَ جي آويءَ مان
پرندڙ جبل جيان ڪي، ڀڙڪا ها

توسان گهاريل گهڙيون، گُذري ويون
ڪڏهن وري ملنداسين، سڏڪا ها

ڇا ٿيندو آخر، دل جي دنيا؟
مَنَ ۾ ڪيئي وهم ۽، کٽڪا ها

تنها جيون جي ڪمري ۾ ”حَسنَ“
پنهنجي مُنهن اُوندهہ سان، ٻڙڪا ها

◈

◈

پنهنجي ڪلهه تي، ڪنهن رُوئي ڏنو
مستقبل تي، ڪنهن رُوئي ڏنو

هُنَ جي عادت، ٻين ڪان مختلف
ڪلندي ڪِلَ تي، ڪنهن روئي ڏنو

ٻُڍڙي عورت ٻارَ، ڪِڍيا تي
لاش ڪُنلَ تي، ڪنهن روئي ڏنو

دردن جي دوزخ سان ڳڙجي
رُوڏَ تتل تي، ڪنهن روئي ڏنو

ڏينهون ڏينهن، فراڊ ۾ تيزي
مُوجَ اُٿل تي، ڪنهن روئي ڏنو

سُک جي گهڙي ناهي ڏٺي
۽ مشڪل تي، ڪنهن روئي ڏنو

سَندُون هَٿَ سان سَاڙي ”سَرڪي“
ٻاڳ رُنل تي، ڪنهن روئي ڏنو

◈

◈

جدائي، مقدر ۾ لکيل آ
ڏکيائي، مقدر ۾ لکيل آ

ڏهاڙي دردن سان گهارڻ
اجائي، مقدر ۾ لکيل آ

اسان جي سُوچن ۾ شُروع کان
سنائي، مقدر ۾ لکيل آ

زمانا! سُوليءَ تي پلي چاڙهہ
سچائي، مقدر ۾ لکيل آ

ميارون ڪنهن کي ڪهڙيون ڏيان؟
گدائي، مقدر ۾ لکيل آ

بگاڙي ڪجهہ نہ سگهندو منهنجو
ڀلائي، مقدر ۾ لکيل آ

صدين کان ڏُکَ، سُکَ جي ”سَرڪي“
خدائي، مقدر ۾ لکيل آ

◈

◈

دل جي وادي، تنهنجي آهي
ساري گادي، تنهنجي آهي

منهنجي هوندي، گهبرا نہ پرين
هيءَ آزادي، تنهنجي آهي

ٻئي ڪا ٻيي، ڳڙ ٻڙ ڪونهي ڪا
وائي بادي، تنهنجي آهي

رات ڏٺو مون، سپني ۾ تي
مون سان شادي، تنهنجي آهي

ڀاڻ وڇوڙي جو، غم ڏنئي
سُوچَ فسادي، تنهنجي آهي

ٿوري، ٿوري ڳالهہ تي، رُسڻ جي
فطرت عادي، تنهنجي آهي

”حَسنَ“ سچلؒ تي، فخر، ڀَلي ڪر
ڄَمَ اُترادي، تنهنجي آهي

◈

◈

لُڙڪَ ڪنهنجا ڏسي، ڪُو، روئي پيو
ڏور پنهنجا ڏسي، ڪُو، روئي پيو

ديرُ سُوچن ۾، ايندڙ لمحن جا
ڪٺن رستا ڏسي، ڪُو، روئي پيو

سُونهن سان سفر ڪندين، نيٺ ٿڪو
چُورُ سپنا ڏسي، ڪُو، روئي پيو

ٻاڳ جو ستيل، ڪيئن بچي ٻيڙي؟
ٻيگل تختا ڏسي، ڪُو، روئي پيو

خواهشن جي جذيري ۾ اضافو
رُوز ڏوڪا ڏسي، ڪُو، روئي پيو

زندگيءَ جا ڏهاڙي، رُوپ نَوان
دوست سارا ڏسي، ڪُو، روئي پيو

آبرن ڏي خدا شل خير ڪري
چُورَ چُوڪا ڏسي، ڪُو، روئي پيو

جيئَڻءَ سوچيو ”حَسنَ“ اُن جي اُبتڙ
گُلَ ۾ ڪندا ڏسي، ڪُو، روئي پيو

◈

◈

بهتر ٿيو جو هوءَ، بي وفا ٿي وئي
جَانِ چِڏائي پنهنجي، جدا ٿي وئي

اُلفت کي ٺُڪرائي، وَڏائيءَ ۾
ڳالھ بنا سمجهڻ جي، خفا ٿي وئي

ڪُجھ تہ ڏسيو مئڪش کي جرم پنهنجو
ڪهڙي نيث اسان کان، خطا ٿي وئي

تنهنجي چاهت جا گيت ڳائيندي
سَجڻَ عبادت هر ڪا، قضا ٿي وئي

سائينءَ جي صورت کان سوا پيارا
دل جي بيماري، لا دوا ٿي وئي

شَهرَ ۾ ايندي ديوي حُسنَ جي ڏسي
ڪنهن سَادي ماڻهوءَ سان، دغا ٿي وئي

هاڻي ”حَسنَ“ مَري هُوءَ، وَئي مون لئہ
هلندي جيڪا رَبَ جي، رضا ٿي وئي

◈

◈

جيڏا خَوابَ، ڏٺاسين
اُوڏو پَاڻَ، رُناسين

هرڪا آس اَڌوري
گڏجي توسان رليا‌سين

پنهنجا سي، ٿي نہ سگهيا
جن جي ڪاڻ، مئاسين

مجبوريون لُوڙهي ويون
ڪيڏا عَهدَ، ڪياسين

توکي اپنائڻ لئہ
پيرن تي بہ وياسين

هڪ ٻئي ڏي اُو سائين
ڪيڏا خَطَ، لکياسين

تون ئي، ٻُڌاءِ ڪٿي؟
ڪاٿي پاڻ، ملياسين؟

ڪُو وقت هيو ”سَرڪي“
گڏجي سَاهَ، ڪنياسين

◈

◈

بي وفا سان وفا، ڪهڙي ڪجي؟
جَانِ پنهنجي فدا، ڪهڙي ڪجي؟

زندگيءَ کان جيڪو پيارو هُجي
اُنَ پريٖنءَ سان دغا، ڪهڙي ڪجي؟

عيبَ تو ۾ گهٽا آهن مگر
چنڊ! تنهنجي گلا، ڪهڙي ڪجي؟

جُستجو، آرزو، ڪيڏي هئي
آرزو توسوا، ڪهڙي ڪجي؟

ويس پائي پيو هر ڪو نَوان
عيد تُوبنِ پلا، ڪهڙي ڪجي؟

مَس اها سُوچَ آئي آهي يَرَ
هر عبادت قضا، ڪهڙي ڪجي؟

هُو سلامت هُجي، شل هر گهڙي
حُسنَ ڪي بد دعا، ڪهڙي ڪجي؟

◈

◈

هڪڙي شهر ۾، منهنجي جَانِ، رهي ٿي
ڪنهن جي گهر ۾، منهنجي جَانِ، رهي ٿي

نيڻ جُهڪائي، ويتر مار نه سائڻ!
تنهنجي نظر ۾، منهنجي جَانِ، رهي ٿي

سنڌ جو هر منظر، تو وانگي پيارو
هن ٿَر، بَر ۾، منهنجي جَانِ، رهي ٿي

هر ڪو توکي ياد، ڪري ٿو اُٺڻ سان
پرهه جي پهر ۾، منهنجي جَانِ، رهي ٿي

آهِن ڪان اٿر، پلا ڪيئن ڇڏائجي؟
ڪنهن جي اَٿرَ ۾، منهنجي جَانِ، رهي ٿي

اڪڙين ڪان منزل، ڏور نه تو پانيان
مون سان سفر ۾، منهنجي جَانِ، رَهي ٿي

◈

◈

ڪدورت ڪرڻ جي نہ عادت، رهي آ
اسان جي تہ ٻولي محبت، رهي آ

وڏن کان ملي واٽ، نوڙت، نيازي
اِهائي اسان جي حقيقت، رهي آ

محبت سوا ٻيو رکيو ڇاهي جڳ ۾؟
محبت سڀن جي ضرورت، رهي آ

محبت کي گهٽ وڌ، نہ ڳالهاءِ سُهڻا
محبت اسان جي عبادت، رهي آ

ڪندو ياد ڏاڍو، مرڻ کان پو ڏسجو
نہ جنهن کي منهنجي اڄ ضرورت، رهي آ

اميدن جا ڏيئا ڪنهن لئہ دوست ٻاريون
جيئڻ جي نہ ڪائي بہ حسرت، رهي آ

”حَسنَ“ حُوصلو ڪر، نہ مايوس ٿي تون
وسيع ڏاڍي مالڪ جي قدرت، رهي آ

◈

◈

يادگيرن ۾ پيو تون سارجان
هر گهڙي مون سان سڄڻ تون گهارجان

جي ڏسين منهجي مٿان دشمن گهٽا
حُوصلي سان جيءُ جاءِ جيئارجان

سنڌ خاطر جي هلي، هيءَ جان وڃي
اَشڪَ اکڙين مان نہ هرگز هارجان

مان اَمر بڻجي ويم تنهنجي ڪري
قبر تي ڏيئو اچي تون ٻارجان

سنڌ جي آزاد نغمي لاءِ هتي
لُوهَہ ڪان مضبوط سينو ڏارجان

هي دعائون ٿو "حَسنُ" رَبَ ڪان گُهري
سنڌ لاءِ جيئارجان بس مارجان

◈

◈

پِنلَ اکين جي مَاڪَ، تہ ڏِسُ!
اُجڙيل دل جي ڪاَڪَ، تہ ڏِسُ!

مجبور ٿيلا، ڪاڏي وڃن؟
حُسنَ جي هر هنڌ هَاڪَ، تہ ڏِسُ!

ميخاني ۾ پيا آهن
ساقيءَ جا هيراڪ، تہ ڏِسُ!

حَقَ جا هُوڪا، خُوب هڻن
ماڻهو هي بيباڪ، تہ ڏِسُ!

ڪيڏو رات، رُنا آهن
ٿَڪل اکين جا ٿاڪ، تہ ڏِسُ!

دل جي دنيا، پُورا ٿي
چِڪيلَ دل جا چاڪ، تہ ڏِسُ!

”حَسنُ“ اَڪيلو، سالن کان
تنهائيءَ جا ٿاڪَ، تہ ڏِسُ!

◈

◈

پنهنجا غيرن سان گڏجي ويا
سَڀُ خواب اڌورا رهجي ويا

تنها جيون ڪنهن رِڻَ وانگي
جيئڻ جا سهارا کسجي ويا

لَاتَ سپاڪي، ڪاتي ڳُولهيان؟
اُوندهہ ۾ سويرا رلجي ويا

ماڻهو ساڳيا هن سنسار ۾
رُوپ نَوان ڌاري مٽجي ويا

ساٿ نڀائڻ لاءِ جنهن بہ چيو
ٻہ ٽي قدم هلي ونجي ويا

نانو لکياسين جنهن بہ شَجرَ تي
وَڻَ اُهي سارا وڍجي ويا

”حَسنَ“ ڪئي ڇا ڪنهن سان اُلفت؟
پاڙي وارا سَڀُ جَلجي ويا

◈

◈

هر هڪ جي ڪا ڪهاڻي ٿئي ٿي
جيون نيٺ پڄاڻي ٿئي ٿي

سامهون جيڪا بيٺي آهي
منهنجي مَنَ جي راڻي ٿئي ٿي

عشق عقل جي جنگ ازل کان
شايد سُونهن سياڻي ٿئي ٿي

تانگهه وَڏي ٿي رُوپ متائي
چاهت جيئڻ پراڻي ٿئي ٿي

ڪنڌن جي سيج اٿئي الفت
پيار ۾ دلڙي چاڻي ٿئي ٿي

ڪٽڙو، منڙو، ذائقو حُسنَ جو
دوست زبان پيي پاڻي ٿئي ٿي

ڏُوکو "سَرڪي" ڇا ڄاڻون اسان؟
سادن جي لئہ داڻي ٿئي ٿي

◈

◈

قبر تي ڏيئُو ٻارڻ، ويندو آ
باھہ اندر جي ٺارڻ، ويندو آ

ياد جا ديپ جلائي هو اڪثر
آب اکين مَٽُون هارڻ، ويندو آ

زندگيءَ جا حال ڪري سائينءَ سان
آس جي ٻيڙي تارڻ، ويندو آ

ڪير ٿو ڪنهن ڪان ڪوئي حَالُ پُڇي
ميڪدي ۾ وقت گذارڻ، ويندو آ

شهر ڪان پري هڪڙي ماڻهو خاطر
ڳوٺ جون مينهون چارڻ، ويندو آ

حسرتون ڳڌ جيئڻ جون رهجي ويون
وقت اُوڪي ڪي ٺارڻ، ويندو آ

واندڪائيءَ جي موسم ۾ ”سَرڪي“
مُنهن ڪري جهنگ ڏي گهارڻ، ويندو آ

◈

◈

ٽُوڙي پيرُ وڌائڻ جي، غلطي ٿي وئي
دلبر توکي چاهڻ جي، غلطي ٿي وئي

مَاڻِ ۾ وقت گذاريان هان جيڪر پيارا
دل جي ڳالهہ ٻڌائڻ جي، غلطي ٿي وئي

رسمن کي پيي ٺُڪرايم تنهنجي ڪري
توکي پنهنجي ٻڻائڻ جي، غلطي ٿي وئي

سپنا ڳڏ جيئڻ جا ڪيڏا ڏيکاريئي
اُنهن کي اَپنائڻ جي، غلطي ٿي وئي

يادون عڪس ۾ انهن جائن جا منظر
توسان نظر ملائڻ جي، غلطي ٿي وئي

ڏاريو تہ هُئين، پر ويتر ڏاريو ٿي وَئين
بس پنهنجن سان ڦٽائڻ جي، غلطي ٿي وئي

معاف ڪجانءِ پرين، تنهنجي نالي پويان
پنهنجي نَانوَ لڪائڻ جي، غلطي ٿي وئي

سپنا سَاڀيان ”حَسنَ“ نہ ٿي سگهيا آخر
ٻن روحن کي ملائڻ جي، غلطي ٿي وئي

◈

◈

ويڙهو هي ويران، لڳي ٿو
توکان پُو زندان، لڳي ٿو

ڌرتيءَ تي قتلام صدين کان
ڪربل جو ميدان، لڳي ٿو

انسانن جي هِنَ بستيءَ ۾
ڇاجي لئہ سنسان، لڳي ٿو؟

منـڙا ٻُول ٻلي ٻولي ٻَرَ
چهري ۾ ٻيمان، لڳي ٿو

نالي ۾ ٻچيا مُسلمَ آهيون
خطري ۾ ايمان، لڳي ٿو

هينئڙو هٿَ تي، مَنَ ۾ ماتم
هر لمحو شمسان، لڳي ٿو

”حَسنَ“ حياتيءَ جو هر پَهرُ
ڪنڊن جو گلدان، لڳي ٿو

◈

◈

گُلن ۾، گُلن جي، نہ خوشبو، رهي آ
پنهنجن ۾، پنهنجن جي، نہ خوشبو، رهي آ

اڪين ڪي، اڪين سان، ملائي ڪندس ڇا؟
اڪين ۾، اڪين جي، نہ خوشبو، رهي آ

ڇِني سات، هاٿي تو هٿڙا ملائين
هٿن ۾، هٿن جي، نہ خوشبو، رهي آ

جواني سجائي، پري ڪر، لبن کي
لبن ۾، لبن جي، نہ خوشبو، رهي آ

نيائڻ جو واعدو، نيائي نہ سگهندين
وچن ۾، وچن جي، نہ خوشبو، رهي آ

ڪڍي لاَهَہ مذهب، ڇڏيا يَارَ آهن
مُلن ۾، مُلن جي، نہ خوشبو، رهي آ

”حسنَ“ آدمي تو ماري آدميءَ کي
ماڻهن ۾، ماڻهن جي، نہ خوشبو، رهي آ

◈

## (ڪاوش اخبار جي نانءُ)

آهي نانءُ نرالو، ڪاوش
دشمن جي لئہ ڀالو، ڪاوش

دَرِ دَرِ پُهچي يار وڃي ٿي
ظلم خلاف آ، تالو، ڪاوش

ٻاٽ ۾ لاٽ جو ڏيئو ٻڻجي
هر جا ڪري ٿي اجالو، ڪاوش

لوڪ ادب جي آهي نگهبان
هُمرچو ۽ هوجمالو، ڪاوش

گيت لکي ٿي بيداريءَ جا
سنڌو ديش حوالو، ڪاوش

ٻَرَّ جي ڪنهن ٽڏڙي ڇانو مثل
نٿهڻ اُسَ ۾ جهڙالو، ڪاوش

پياسن جي پياس ڪري ختم ٿي
پيار، پريم جو پيالو، ڪاوش

ڇو نہ اکين تي ”حَسنَ“ رکان مان
شاهہ جو آهي رسالو، ڪاوش

◈

◈

زندگيءَ جي هر خوشي، تنهنجي ڪري
زندگي آهي منهنجي، تنهنجي ڪري

اَڄُ تہ اُوريون، حال ڪي دل جا ويهي
زندگي آهي ملي، تنهنجي ڪري

ٿي خفا نہ مون مٿا مسڪين ڪان
مان ڪيان پيو شاعري، تنهنجي ڪري

چنڊ ڪي ڪيئن چنڊ چوان تنهنجي هوندين
چنڊ جي هي روشني، تنهنجي ڪري

ڏينهن تنهنجي ياد ۾ گُذري ويو
رات جو هيءَ مئڪشي، تنهنجي ڪري

پيار پُوڄا، چڱ عبادت ٿو ڪيان
ٿي پري نہ بندگي، تنهنجي ڪري

آب اکڙين جو ”حَسنَ“ رُڪجي نہ ٿو
آ، اکين ۾ هيءَ نمي، تنهنجي ڪري

◈

◈

دل ڪي بيقرار ڪندو رهندس
تنهنجو انتظار ڪندو رهندس

ڪيڏو ٻہ پري چو نہ هليو وڃين
توسان مان پيار ڪندو رهندس

خيالن خوابن جي دنيا ۾
تنهنجو ديدار ڪندو رهندس

اِنڪارُ ڀلي ڪر تون پيار ڪان
توسان اظهار ڪندو رهندس

سچ تان جان ٻہ قربان آهي
ڪوڙ ڪان انڪار ڪندو رهندس

راهہ ويندين چاڪاڻ مليو هُئين؟
ذهن ۾ ويچار ڪندو رهندس

پنهنجي دل ڪي هر پل ”سَرڪي“
برهہ ۾ بيمار ڪندو رهندس

◈

## (سنڌ جي پيجل سرمد سنڌيءَ جي نانءُ)

گُل سَندُو گلدان هو، سرمد سنڌي
سَازَ جو سلطان هو، سرمد سنڌي

پيار جي هُو راهه تي نڪري پيو
عشق جو ميدان هو، سرمد سنڌي

سنڌ جي هُو چاهه ۾ گُمُ تي ويو
نَانوَ جو رحمان هو، سرمد سنڌي

نياز، نوڙت، ساڃ هو ملندو هيو
سيبتو انسان هو، سرمد سنڌي

ماءُ اهڙو شل وري پُٽڙو ڄڻي
خيرپور جو خان هو، سرمد سنڌي

راهه ويندي نيٺ هُو وڇڙي ويو
ڄڻُ تہ ڪُو مهمان هو، سرمد سنڌي

مان بہ شيدائي بڻيمُ هُنَ جو "حَسنَ"
سنڌ جي پهچان هو، سرمد سنڌي

◈

◈

رُوئان ۽ رَڙان ٿو، سڄي رات ڪٽ تي
پيو مان لڇان ٿو، سڄي رات ڪٽ تي

برهه جي بيماري نہ ڪنهن کي ڏجان تون
خدا کي چوان ٿو، سڄي رات ڪٽ تي

اها سَارَ تنهنجي نہ ڏيندي سمهڻ آ
غزل کو لکان ٿو، سڄي رات ڪٽ تي

هُجين شَلَ سلامت، ڪٽي هٿ مٿي بئي
دُعائون گهران ٿو، سڄي رات ڪٽ تي

ملي سَايِيان ڪا، توکي يَار چاهي؟
ڏسان خواب مان ٿو، سڄي رات ڪٽ تي

”حَسنَ“ پَهرُ پُويون، بچو آهي هاڻي
چڱو مان سمهان ٿو، سڄي رات ڪٽ تي

◈

◈

تُو ڏني جيڪا خوشي، وسري نہ ٿي
سُونهن تنهنجي سادگي، وسري نہ ٿي

مان ڪيان ٿي پيار توسان اُوپرين
پيار واري سَا، گهڙي، وسري نہ ٿي

دُوستُ، دلبرُ، دادلو هُو، تُو ڇيو
دلربا! هيءَ دل لڳي، وسري نہ ٿي

رُوبرو تنهنجن اَدائن تي مٺي
مون ڪئي جا شاعري، وسري نہ ٿي

تو نڀائڻ جي ڪئي، ڪُوشش گهڻي
دوست تنهنجي دوستي، وسري نہ ٿي

نينهن وارا، ڏينهن ڪيڏا ها ڀلا؟
تو ڇيو هو زندگي، وسري نہ ٿي

عشق جي مان نَانوَ تان صدقي وڃان
تو ڪئي جا عاشقي، وسري نہ ٿي

جَامُ هٿڙن سان "حَسنَ" ڪي تُو ڏنو
رات واري مئڪشي، وسري نہ ٿي

◈

◈

مُرڪَ چهري تي خوشي، ڏسجي نہ ٿي
رُوحَ ۾ ڪا تازگي، ڏسجي نہ ٿي

بس رُڳو ٿيون نفرتون هتڙي ملن
پيار واري ڪا گهڙي، ڏسجي نہ ٿي

ڪُوڙ، ڏُوڪو، ويو وڌي سنسار ۾
ڳالهہ ڪنهن ۾ ڪا سچي، ڏسجي نہ ٿي

جنهن گهٽيءَ مان روز ٿيندو هو گُذرُ
سَا گهٽي اڄ ڪلهہ مٺي، ڏسجي نہ ٿي

هن اڄوڪي دؤر ۾ منهنجا مٺا
سُونهن ۾ ڪا سادگي، ڏسجي نہ ٿي

بي سَٺُو جيون ڏسي تون ڇا ڪندين؟
زندگيءَ ۾ زندگي، ڏسجي نہ ٿي

دل لڳيءَ جي درد کي ڪاڏي ڪيان؟
دل لڳي ڪائي ڪٿي، ڏسجي نہ ٿي

ڇُو انڌيرو ئي انڌيرو آ، ”حَسنَ“
رُوشني هِنَ جُوءِ ۾، ڏسجي نہ ٿي

◈

◈

مارا ماري، ڇُوٽَ تي آهي
دنيا داري، ڇُوٽَ تي آهي

ترقي هاڻي ڏاڍي تيندي
اَڄُ جي ناري، ڇوٽ تي آهي

رُوح ڪجي ويو آهي اَدبَ کان
ڇو جو، ياري، ڇوٽ تي آهي

رُوز مَرن تا ماڻهو، پُوءِ ٻه
ڀائيواري، ڇوٽ تي آهي

ڇُو نهاري، ڪُوجهيءَ ڏي ڪوئي؟
عورت پياري، ڇوٽ تي آهي

سَڀُ ڪُجهه پئسو هوندو ناهي
ڀِريداري، ڇُوٽَ تي آهي

ڏُوهَ ڀَلا ڇو نہ وڌن "سَرڪي"
ڪارو، ڪاري، ڇوٽ تي آهي

◈

◈

ڪڏهن دل لڳيءَ ڪان، لنوايو نہ آهي
اسان عاشقيءَ ڪان، لنوايو نہ آهي

اسان پيرَ پنهنجا، رکيا پنڌ ۾ هن
پرينءَ جي گهٽيءَ ڪان، لنوايو نہ آهي

توڙي زندگيءَ ڪان، مليا ڏُکَ آهن
پُو بہ زندگيءَ ڪان، لنوايو نہ آهي

ڏنو مُنهن اسان هر مصيبت سان مُرڪي
ڏُکي ڪنهن گهڙيءَ ڪان، لنوايو نہ آهي

مُنافق ماڻهوءَ سان نہ لڳندي آ، پنهنجي
سَچي آدميءَ ڪان، لنوايو نہ آهي

”حَسنَ“ سِرُ وڃي پر دغا ڪانہ ڪيندي
چڱي دوستيءَ ڪان، لنوايو نہ آهي

◈

◈

اِهي غَمَ اوهان جا، اسان جي اکين ۾
پَلِن بس پيا ٿا، اسان جي اکين ۾

اهڙي چُوٽَ دل کي لڳي ڪا وئي آ
رُڳو يار ڳوڙها، اسان جي اکين ۾

لڪيل هو اوهان جو تہ نالو انهن ۾
ڏٺو ڪو نہ تُو چاہ، اسان جي اکين ۾

زماني ٿي سمجهيو اسان خوش ٿا گهاريون
مگر درد ڪيڏا، اسان جي اکين ۾

ڏسڻ خَوابَ هاڻي ڇڏي مون ڏنا هن
اڌورا ڪي سپنا، اسان جي اکين ۾

اسان کان ڪڏهن پيي پرين ڪين وسريا
تنهنجي گهر جا رستا، اسان جي اکين ۾

اميدن جو ڏيئُو اجهامڻ کان اڳ ۾
ٻُڏي اَڄُ صدا ڪا، اسان جي اکين ۾

”حَسنَ“ جي قبر تي چَتي گُلَ ڪي وچجان
اها التجا آ، اسان جي اکين ۾

◈

◈

پَراون ڪان پيارا، وفا ڪا نہ ٿيندي
خوشين جي ڪڏهن پيي، عطا ڪا نہ ٿيندي

پِتيندا رهيا جي اسان ڪي زمانا!
پَڪَ آ، تنين ڪان، دعا ڪا نہ ٿيندي آ

وڇوڙي جون راتيون ڪُٽڻ جون ڪٽي هن
هجر جي صُبح ۾، صبا ڪا نہ ٿيندي

پلي ڪر دغا تون، دغا ڪم، آ تنهنجو
اسان ڪان ڪڏهن پيي، دغا ڪا نہ ٿيندي

ڏئي دل وينا سين جو پهرين نظر ۾
وري يار اهڙي، خطا ڪا نہ ٿيندي

اها ياد دل جي وندر جو سبب آ
ڪڏهن ياد مون ڪان، جدا ڪا نہ ٿيندي

”حَسنَ“ دل پنهنجيءَ ڪي جَهلي ڇڏ تون هاڻي
غمن جي اُنهن ڪان، دوا ڪا نہ ٿيندي

◈

◈

سَدا سُونهن وارا، سلامت، هجن شَلَ
اکين جا نظارا، سلامت، هجن شَل

هي مستي، رواني، ۽ مهراڻ مُوجون
سنڌوءَ جا ڪنارا، سلامت، هجن شل

ڏسڻ سان ختم ٿي وڃن ٿا مُونجهارا
جيئڻ جا سهارا، سلامت هجن شل

لبن تي اهي ئي دعائون رهن ٿيون
هر ڪنهن جا پيارا، سلامت، هجن شل

وَڏي روشني ٿي وجي پل گهڙيءَ ۾
اکين جا ستارا، سلامت، هجن شل

هي سُرهاڻ گُلڙن جي چُوڏس پئي ڏسجي
گلن جا هي ڪارا، سلامت، هجن شل

ڏهاڙي اِضَافو آ، آلودگيءَ ۾
حَسين هي نظارا، سلامت، هجن شل

هُجن شاد مارو، سُکيا ۽ ستابا
هي ٻنيون ۽ ٻارا، سلامت، هجن شل

لڳي واءُ ڪُوسُو نہ ڪوئي بہ ڪنهن کي
”حَسنَ“ ماڻهو سارا، سلامت، هجن شَلَ

◈

◈

نفاست، اکين جي، اکين کي، وٺي ٿي
نزاڪت، اکين جي، اکين کي، وٺي ٿي

اکين کي، اکين سان، ملائي ڇڏيائين
عنايت، اکين جي، اکين کي، وٺي ٿي

چُميون چاهه منجهان ٿي، هر، هر ڏنائين
محبت، اکين جي، اکين کي، وٺي ٿي

اِهي يار اکڙيون، نہ ڪنهن ٻئي ڏي ڏسنديون
صداقت، اکين جي، اکين کي، وٺي ٿي

لُوڏي ڪُجهہ اکين کي، اشارو ڪيائين
شرارت، اکين جي، اکين کي، وٺي ٿي

زبان مان نہ ڪوئي بہ نڪتو حَرفُ هو
اجازت، اکين جي، اکين کي، وٺي ٿي

”حَسنَ“ پَلَ گهڙيءَ ۾، مان هُنَ جو وَيمُ ٿي
ڪرامت، اکين جي، اکين کي، وٺي ٿي

◈

◈

زمانو اسان کي نہ سمجهي سگهيو
اوهان جي نہ ڄاتو تہ ڇا ٿي پيو

اوهان کان اسان کي مليا ڏُک جيڪي
اسان تن کي سيني ۾ سانڍي ڇڏيو

مٺا مُنهن نہ مٽبو اوهان کان ڪڏهن
اوهان پڻ اسان ڏي ڏسو نہ ڏسو

محبت جي دعوٰي گهٽڻ ئي ڪئي
مگر ڪُو، ڪُو اُن تي آ، قائم رهيو

اهي چنڊ، تارا، اکين جي اڳيان
سَڄي رات ڪٽ تي مون آهي لڇيو

لبن تي رهن ٿيون دعائون اهي
خوشين ۾ هميشہ اوهان ئي رهو

”حَسنَ“ سُور، صدما ٿي ناسور ويا
اهڙو گهاءُ دل کي لڳي ڪُو ويو

◈

◈

وقت ڏکيو بس ايندو، پيو وڃي
تنگ گُذارو ٿيندو، پيو وڃي

ٻُڪَ ۾ مهنگائيءَ تي يارو
ماڻهو ڪُو سُوچيندو، پيو وڃي

مَانيءَ بدران ٻُڪَ ۾ ظالم!
خُشڪُ واري ڏيندو، پيو وڃي

ننڍڙ اُسَ ۾، لڳين اُڪاڙو
معصوم ڪو روئيندو، پيو وڃي

ٻئي ڪي نہ ميارُ ڏي تون سنڌڙي
پنهنجو دشمن ٿيندو، پيو وڃي

”حَسنَ“ ڪري وَٺُ ڪُجھ تون هاڻي
وقت هٿن مان ويندو، پيو وڃي

◈

◈

وَاٽَ ۾ ڪي محبتون، رهجي ويون
گڏ جيئڻ جون حسرتون، رهجي ويون

مون هميشه پيار جي ورڪا ڪئي
دل تنهنجيءَ ۾ نفرتون، رهجي ويون

تو وجي پاسو وتو سُڪڙن سَندو
منهنجي لاءِ بس تهمتون، رهجي ويون

جُستجو ۽ آرزو ڪيڏي هئي
خَاڪِ ٿيون سڀ خواهشون، رهجي ويون

چين ۽ آرام حاصل ڪين ٿيو
رُوح جون ڪي راحتون، رهجي ويون

ٻَانهون لُوڏي تو جڏهن ڪيو اَلوداع!
ڪي خوشين جون ساعتون، رهجي ويون

هَا ”حَسنَ“هرڪو هتي مجبور آ
پيار اڏ ۾ چاهتون، رهجي ويون

◈

◈

جڏهن ڪان اوهان هي، ڇڏيو شهر آهي
تڏهن ڪان اسان تي، ڪليو شهر آهي

مَتي مُنهن اسان ڪان، اوهان ڇا ويا هو
لڳي ٿو رُنو ڇڻ، سڄو شهر آهي

نہ سپنا اُهي، رُونقون اڄ ڏسان ٿو
سُڃو تي اکين جو، ويو شهر آهي

سوا تو اُو سائين اسان کي قسم تي
هي ويران اڪثر، لڳو شهر آهي

ڇَري دل روئڻ مان نہ ٿيندئي ڪڏهن ڪجھ
ڪري مَاتِ هَلُ تون، ڇيو شهر آهي

نہ ساڳيون خوشيون هن نہ ساڳيا ترانا
ٿي موهن جو ڪنڊر، ويو شهر آهي

پريٺ جو سهارو، جيئڻ جو جياپو
”حَسنَ“ خيرپور جو، مليو شهر آهي

◈

◈

شاديءَ واري، رات پرين
پياري، پياري، رات پرين

تنهنجي هوندي تي وئي
روشن ساري، رات پرين

چئوڏس تي خوشبو وئي
گُلنِ هاري، رات پرين

آغاز نئي سفر جو
پاڳن واري، رات پرين

ڳاڙهو بدن تي پائي وڳو
ڪيئي پياري، رات پرين

سُونهن ڀَري مُرڪَ منا
هئي سونهاري، رات پرين

اَڄُ تائين "حَسنَ" اُها ئي
ڪين وساري، رات پرين

◈

◈

اُهي يَارَ ماڻهو، لڳي ٿو مري ويا
وفادار ماڻهو، لڳي ٿو مري ويا

حيا جو ذَرُو ڪونہ ڪنهن ۾ ڏسان ٿو
حيادار ماڻهو، لڳي ٿو مري ويا

پنهنجي جَانِ ڪان وڌ، حفاظت ڪندا ها
پهريدار ماڻهو، لڳي ٿو مري ويا

ڪٿي پيي مَزُو، چين، آرام ڪونهي
مزيدار ماڻهو، لڳي ٿو مري ويا

ڏيندا قرب جيڪي هٿن سان سڏي ها
سي قربدار ماڻهو، لڳي ٿو مري ويا

نہ سمجهي سگهيا دُوستَ دل جي ڪهاڻي
سمجهدار ماڻهو، لڳي ٿو مري ويا

◈

◈

وفادار، آهيان، وفادار، رهندس
تنهنجو يار، آهيان، تنهنجو يار، رهندس

نگاهون جُهڪائي، هَلڻُ مون سکيو آ
حيادار، آهيان، حيادار، رهندس

خطا جي مٿان بس، خطا ٿي وجي ٿي
خطادار، آهيان، خطادار، رهندس

وڏو مان ڪٿي ٿيو هان، ماءُ پيءُ جي سامهون
اَڄان ٻار، آهيان، اَڄان ٻار، رهندس

اِها مُرڪَ اکڙين ۾، سَانڍي تون رکجان
تنهنجو پيار، آهيان، تنهنجو پيار، رهندس

ثوابن جي پويان نہ هرگز لڳاسين
گنهگار، آهيان، گنهگار، رهندس

”حَسنَ“ کي چَيو تُو اکين جو جياپو
اکين ٺار، آهيان، اکين ٺار، رهندس

◈

## (پروفيسر عطا محمد حامي جي ياد ۾)

هر فن مولا شاعر حامي
علم اَدبَ جو ماهر حامي

مسڪينن لاءِ وڙهندو رهيو
ڪير چوي ٿو ڪائر حامي؟

ٻول سُريلا، ٻولي ٿو هو
احساسن ۾ ظاهر حامي

پيار، وفا جو پيڪر پيارا
سهڻي سنڌ جو ڏاهر حامي

سچ جي ساگر جو ساٿاري
ڪُوڙ، ڪُپت کان ٻاهر حامي

شعر شبابي، پُورپٽ جهڙا
لفظن جو آ، ساحر حامي

مُولائي مڙس، مَٿيرو هو
”حَسنَ“، حُسينَ ؑ جو زائر حامي

◈

◈

هڪ وڏو احساس، آهي شاعري
پيار جو وشواس، آهي شاعري

رَتُ پياري تو، وڏو ڪَرٽو پئي
ها! جگر جو ماس، آهي شاعري

عَامُ ماڻهوءَ جي نَظَرَ کان، آ مٿي
ڪُو نئون اتهاسُ، آهي شاعري

تون ڏهاڙي تي انگل، آرا ڪرين
ڪونہ ڪيو ڪنهن قياس، آهي شاعري

چنڊُ چُوڏهينءَ جو مٿان بيٺو آهي
راتِ پُو پيي داس، آهي شاعري

بس! رڱو غمگين دنيا تي ملي
بيبسيءَ جو واس، آهي شاعري

رَازَ جيون جا سڀئي معلوم ٿيا
هر خوشي تي ناس، آهي شاعري

رُجَ اکڙين جي اِڱيان آهي ”حَسنَ“
ٿُو لڳي بنواس، آهي شاعري

◈

◈

مسافت وڏي آ، سَفرَ ۾، مان هوندس
مَرڻَ کان پُو جاني، قَبرَ ۾، مان هوندس

نگاهون وجي آرسيءَ ۾ تون ڏسجان
مٺا ديد تنهنجي، نظر ۾، مان هوندس

محبت سچيءَ جي حقيقت وڏي آ
سَچي دل آ، سائين، جگر ۾، مان هوندس

ڪڏهن ياد ڪنهن کان ڪسي ڪو سگهيو آ
پَکي ٿي پرينءَ جي، پڌر ۾، مان هوندس

مرڻ کان پو ڳالهيون پيون يار هلنديون
صُبح، شام، سانجهي، ذڪر ۾، مان هوندس

رهيو دين، مذهب، محبت آ، پنهنجو
محبت جي منڙا اثر ۾، مان هوندس

مٿان مُوت سمجهو تہ ماري ويو آ
لکيل شعرَ هر هڪ، اکرَ ۾، مان هوندس

لکائي هي چڏجو، ”حَسنَ“ جي قبر آ
مِٽي ويس منهنجو، پٿر ۾، مان هوندس

◈

◈

جنهن کي ڏنم، پريشان، ڏٺم
هرڪو پاڻ ۾، حيران، ڏٺم

انسانيت سِڄ، لَٿي وانگي
پُوئتي هر ڪو، انسان، ڏٺم

جنهن جي نيت ۾، کُو ڪوٽ نہ هو
ماڻهو سُوئي، بيمان، ڏٺم

جيڪو ڪنهنجو، چمچو آهي
خاني سُوئي هٿ، خان، ڏٺم

سائين، سائين واهہ، واهہ، جاري
يَڙوي ماڻهوءَ جو شان، ڏٺم

غربت ڏينهون ڏينهن اڳي آ
گھُرندي مسڪينُ دان، ڏٺم

ماڻهو عيش ۽ عشرت پويان
پُوئين پَهرَ ۾ ايمان، ڏٺم

مذهب ڏنڏو، بڻجي ويو آ
اڳِتي هر، هر، شيطان، ڏٺم

ٻارَ وڪامن، پئسن تي اڄ
مجبورين جو دُڪان، ڏٺم

ڇِرڪُ پَري بس ويهي رهيمُ
ڏاڍو تيو آ، نقصان، ڏٺم

لُتجي منهنجو گهر ويو ”سَرڪي“
ڏُوڪيبازُ مهمان، ڏٺم

◈

◈

پهريان ڪان پيي سُڌريل تقدير، ڏنم
جاتي ڪاتي يار جي تصوير، ڏنم

مون مسڪين جو ڪوئي ڏُوھ ئي ڪونهي
سُونهن اڳيان جُهڪيل ڪيئي مير، ڏنم

زخمي دل جي ڪهڙي حالت ٻڌايان؟
دوست! سِڌا نيڻن جا بس تير، ڏنم

اَمنَ اَمانَ سان تاريخ جي ورقن ۾
ماڻهو سنڌ جا ڪنڌ ۾ ڪير، ڏنم

اُلڪا، ڪُتڪا، وهم وڪوڙي ويا ها
ٽُٽل انهن جا آخر زنجير، ڏنم

راحت، چينُ، سڪون آهي مليو دل کي
سامهون گهٽي وقت ڪان پو هير، ڏنم

سيئُ، سَفرُ بہ نصيبَ سان آهي پيارا
گهُمي ڏاڍا اُلفت ۾ پيرَ، ڏنم.

ڪهڙي دل جي ڳالھ ٻڌايان توکي؟
پنهنجي نيڻن ۾ سدائين نير، ڏنم

پُوڳَ متان تون سِڪَ کي پائئين "سَرڪي"
سُهڻيءَ واري سيني ۾ سِيرَ، ڏنم

◈

◈

هيڪلُ! سُوچَ ۾ تنها، شاعر
آڏو اکين جي دنيا، شاعر

مسئلن جي هن دنيا ۾ اڄ
لکي آخر، ڇا، ڇا، شاعر؟

ڪهڙا ويهي، ويچار وندي؟
سورن جو ستايل آ، شاعر

فخر وچان پُٽُ چوڻ لڳو آ
مُنهنجو آهي بابا، شاعر

ڪڏهن اهو ڪنهن ناهي ڇاتو؟
ڪيئنءَ تو پالي ٻچا، شاعر؟

غُورُ ڪري ڏس، اڄڪلهہ ڪوي
شعرَ لکي تو سَچا، شاعر

نياز ۾ نوڙت، هٿ ٻڌ، سڀ سان
ڪين ڪري تو، ڏَچا، شاعر

سُونهن جي نگريءَ ۾ ويني "سَرڪي"
ڪُوڙ ڏسي تو سپنا، شاعر

◈

◈

پنهنجي نگري پيار جي نگري
آهي مَنَ ۾ يار جي نگري

ماري، جيئاري مَرضي ٿس
آهي هيءَ، اعتبار جي نگري

ياد جا پُوپٽَ اُڏري آيا
صُبح سَويري سار جي نگري

هر هڪ گهر جي، سُونهن ٿئي ٿو
معصوم چهرو ٻار جي نگري

سُوچ ۾ ساگر جهڙيون ڇُوليون
نيڻن ۾ آ، نار جي نگري

ٻُڌڻ ۾ ڪيئي سَازَ اڇن ٿا
تنبوري ۾ تار جي نگري

توئي ڪٽيو آهي هميش
منهنجي مَنَ ۾ هار جي نگري

پنهنجو پاڻ ۾ دنيا ”سرڪي“
سُونهن سَڄي سنسار جي نگري

◈

◈

شَرابي مان ناهيان، نَشُو پيار جو آ
مَزُو زندگيءَ کي، مليو پيار جو آ

اهڙو مَڏُ، اکين جو مليو دوست آهي
ڪڏهن پيي خمار نہ، لٿو پيار جو آ

نہ ٿو يار وسري، مليل گهاءُ گِهرو
تماشو مون ڏاڍو، ڏٺُو پيار جو آ

اڳيان حُسنَ آڏو، جُهڪيو سِرُ سدائين
هميشہ وتو مون، چيو پيار جو آ

سَرعام دنيا جي سامهون زمانا!
ڏسو اڄ هي ميلو، رَچيو پيار جو آ

سُوچي سُوچ هڪڙو ٺٺي ڪجهہ ٻيو ٿو
”حَسنَ“ ڏِسُ عَجبُ هي، لکيو پيار جو آ

◈

◈

ٻاڻَ پنهنجي ڪهاڻي متائڻي، پئي
رَازَ دل ۾ رکي دل ڏکائڻي، پئي

رَاهَ جي هر رڪاوٽ کي ٺُوڪر هنيم
ڄُو جو مون کي اڳي وِکَ وڌائڻي، پئي

معاملو ڪجهه اهڙو پاڻ سان هُو هتي
سيج سورن جي سهڻا سجائڻي، پئي

تير نيڻن سندا ڪجهه اهڙا لڳا
حُسنَ جي نَانوَ تان جان لٽائڻي، پئي

آرسيءَ ۾ ڏسي زندگي آ، رُني
ڏُوڙ مُنهن ۾ ڪا مون کي به پائڻي، پئي

دل ڇيو يَارَ جي، اڄ گهَٽيءَ ڏي هَلُ
دل ڏکيءَ ڪان مگر اَڪ ڦيرائڻي، پئي

داستان پيار جو اڄ کُلي چا ويو
راڳڻي ڪا "حَسنَ" پاڻ ڳائڻي، پئي

◈

◈

ٿُوڙي سَڀُ ڪُجهہ ظاهر آهي
ڀُو ڀِي سمجهہ کان ٻاهر آهي

ڪيئنءَ هلي ٿو وايو منڊل؟
مالڪ! ملڪ جو ماهر آهي

مون کي ظالم! ڇا لئہ ڇئين ٿو؟
رامُ رحيم بہ قاهر آهي

دشمن سنڌ جو ڊيرُ تون ڏسندين
هر ڪو سنڌي ڏاهر آهي

سمجهي ڪونہ سگهي آ، دنيا
ماڻهو چون ٿا ساحر آهي

سُهڻي صورت، رنگ رَبُوبي
ديدَ تنهنجيءَ جو زائر آهي

هُونئَنءَ تہ هوشو، هيمون آهيان
تو تہ ٻڌايو ڪائر آهي

هرڪو ڄاڻُو ائينءَ چوي ٿو
واهہ جو! ”سَرڪيَ“ شاعر آهي

◈

◈

تڏهن گيت، وايون لکياسين، سدائين
محبت جي غمَ ۾ رهياسين، سدائين

نہ ڪائڻ وَٽي تو نہ پيئڻ وَٽي تو
ڪنڊن تي ننگي سِرِ ستاسين، سدائين

زمانا! اهو اڄ اَڃي سَمجهَہ ۾ تو
ڪنهنجي پيار ۾ تہ رناسين، سدائين

نہ ٿا پِيرَ جهلجن رُوڪڻ سان ڪڏهن ٻي
پرينءَ جي تہ ٻَاڙي وياسين، سدائين

ڪري ويا اڪيلو نہ ڪانڌي ڪُلهي ٿيا
اسان يَارَ جن لئہ مئاسين، سدائين

رهيو حال اهڙو حقيقت اها ئي
پنهنجو پاڻ سان بس وڙهياسين، سدائين

اِهو هاٿي ٿيندو ”حَسنَ“ خيال آهي
پرين پاڻ ڪاٿي ملياسين، سدائين

◈

◈

سُوچ ڪٽي اي جاهل، ماڻهو
ڪجھ تہ چوي پيو پاگل، ماڻهو

ائينءَ لڳي ٿو جڳ ۾ پيارا
هر ڪو آهي سائل، ماڻهو

عيشُ، عَياشي زُورن تي آ
مايا ڏي آ، مائل، ماڻهو

پيار ۾ ٻڌجي ويندو آهي
ديوانو ۽ پاگل، ماڻهو

چقمق وانگي چڪجي ٿو پيو
پيار جو آهي قائل، ماڻهو

مُوتَ جي بِستَر تي سوچن سان
وينو ڳُولهي ساحل، ماڻهو

تڙپڻ جو احساس نہ ڪوئي
ڪونہ رکي ٿو هي دل، ماڻهو

دُوست! وَڃي ڏَسِ ڪاڏي آخر؟
نظرن جو هي ڪاڏل، ماڻهو

"حَسنَ" دُعائون بس ساڻ اٿئي
ٿي پئين شل ڪُو، ڪامل، ماڻهو

◈

◈

تنهنجي پيار، ٻڌايو، صوفي
مون ۾ ويس، سجايو، صوفي

پنهنجو پاڻ ۾ سڀ ڪجهہ آهي
کُولي صاف، ٻڌايو، صوفي

پيار، اَمنَ سان وقت گُذاريو
پيار جو گيت آ، ڳايو، صوفي

انسانيت سان پيار ڪيو سَڀُ
ڪنهن کي ڪين، ڏکايو، صوفي

تون ۾ مان ۽ مان ۾ تون آن
سارو فَرقُ، مٽايو، صوفي

مالڪ! هر ڪنهن صورت ۾ آ
مالڪ! کي ريجهايو، صوفي

سُوليءَ تي منصور چڙهي ويو
سڀ کي سَچُ، سڻايو، صوفي

ڪنهن سان ڪين ڪري ٿو نفرت
سِڪَ جو وَنڊُ، ورهايو، صوفي

نوڙت واري. ٻولي ”سَرڪيَ“
ڪنهن سان ڪين، ڦٽايو، صوفي

◈

◈

سَڀُ ڪُجهه ڄاڻَ، سُڄاڻَ ۾
حَاصلُ مطلبُ ڀَاڻَ ۾

معلوم مڙيو ئي ٿيو
وحدت واري ڄاڻ ۾

هيرا، لعل، جواهر
اُلفت واري کاڻ ۾

اِسرُار وڏو ڪوئي
ڇهري جي پيلاڻ ۾

جَلندُو، پَچَندُو رَهُ تون
گهايل مَنَ جي ڪاڻ ۾

مالڪ! هوندو اٿئي
نيٽن جي آلاڻ ۾

”سَرڪَي“ سنسارَ سُرتَ
سهٽي جي سرهاڻ ۾

◈

◈

عشق مذهب، عشق، منهنجي ذات آ
عشق بن، ڪا بئي نہ مون کي تات آ

شام، سانجهي، صُبح توڙي، اُو منجھ
عشق ۾ ٿيندي، شروع هر رات آ

ڪا خبر مونکي پوي ئي ڪانہ ٿي
تو ڏني اهڙي جو مون کي ڏات آ

پيار پوڄا، پيار جيون آ، پرين
پيار جي ئي وائي، منهنجي وات آ

تو جڏهن کان پيار سان مون ڏي ڏٺو
ڪُوڙَ، نفرت کان ملي، نجات آ

پيار جي ٻولي ”حَسنَ“ ڪُويل جهڙي
تون بہ ڪر محسوس، جُو هي لات آ

◈

◈

دل، لڳائڻ جو ڀَڳُو، پئجي ويو
اَڪِ، اڙائڻ جو ڀَڳُو، پئجي ويو

زندگي هر حال ۾ گُذري ويندي
بس، نڀائڻ جو ڀتو، پئجي ويو

دل هجر جي رُوگ کان واقف ڪيم
روگ، لائڻ جو ڀتو، پئجي ويو

تهمتون ۽ رنجشون دنيا ڏنيون
جَڳ، کلائڻ جو ڀتو، پئجي ويو

يَارَ جي ڇا ڀَارَ کان آيم مُوٽي
پيارُ، پائڻ جو ڀتو، پئجي ويو

حُسنَ جي سرڪار تان صدقي وَڃان
هَٿُ، ملائڻ جو ڀتو، پئجي ويو

دل چيو اڄ ميڪدي ڏي هَلُ "حَسنَ"
جي، جلائڻ جو ڀتو، پئجي ويو

◈

◈

حياتي اڪين جي اَثرَ ۾، رهي ٿي
اَندر جي ڪھاڻي اَندرَ ۾، رهي ٿي

رهيو پيار ڪاٿي زماني ۾ آهي
مگر چوڪري هڪ نَظر ۾، رهي ٿي

سوا تُو سڄڻ جي لڳي ائين ٿو چڻُ
حياتي هي منهنجي قبر ۾، رهي ٿي

جَلي ٿو اُجالو ڪيان زندگاني
محبت اوهان جي جگر ۾، رهي ٿي

سڄڻ سَارَ جو هڪ ته لمحو به ڪونھي
اها ياد هر هڪ پهر ۾، رهي ٿي

ڪٿي دل ٿي غافل محبت ڪان آهي
صُبح، شام، سانجهي خبر ۾، رهي ٿي

رهيو پاڳ پنهنجو نرالو سين ڪان
تڏهن زندگاني قهر ۾، رهي ٿي

هتي مان اَڪيلو، مگر جَانِ منهنجي
”حَسنَ“ خيرپور جي شهر ۾، رهي ٿي

◈

◈

مَنَ ۾ اُڌما، جاڳن ٿا پيا
سُورَ ۽ صدما، جاڳن ٿا پيا

ننڊ بہ جاڳ ۽ جاڳ بہ ننڊ آ
پنڇي پيار جا، جاڳن ٿا پيا

لاٽ بہ ٻاٽ ۽ ٻاٽ بہ لاٽ آ
اکين ۾ سپنا، جاڳن ٿا پيا

مُرڪَ بہ لُڙڪَ ۽ لُڙڪَ بہ مُرڪَ آ
ٽَهڪَ نرالا، جاڳن ٿا پيا

ڏينهن بہ رات ۽ رات بہ ڏينهن آ
نيڻ جُهڙالا، جاڳن ٿا پيا

نفرت، الفت، الفت، نفرت
دوست حوالا، جاڳن ٿا پيا

ڪهڙي، ڪهڙي ڳالهہ ٻُڌايان؟
مون سان ڇا، ڇا، جاڳن ٿا پيا

سنسارُ سَڄُو، سڄڻ جو سَايُو
”سَرڪِي“ پارا، جاڳن ٿا پيا

◈

◈

اِي يارَ، اَڄان، سُوچَ ۾ آهيان
دلدارَ، اَڄان، سُوچَ ۾ آهيان

دهشتگردي، ڪارو، ڪاري
سنسارَ، اَڄان، سُوچَ ۾ آهيان

بارودي دُونهين جا بادل
هٿيارَ، اَڄان، سُوچَ ۾ آهيان

واهہ! جو جڳ، بڻايو اٿئي
معمارَ، اَڄان، سُوچَ ۾ آهيان

پيار ڪان وڌ ڪُو، رشتو ڪونهي
منٺارَ، اڄان، سوچ ۾ آهيان

ڇَڪرُ مٿي ڪي آهي اڇي ويو
فنڪارَ، اَڄان، سُوچَ ۾ آهيان

تنهنجي هوندي، چُوري ڪيئَنءَ ٿي؟
پهريدارَ، اَڄان، سُوچَ ۾ آهيان

صُورت ڪاڻ، سِڪي ٿو "سَرڪي"
ديدارَ، اَڄان، سُوچَ ۾ آهيان

◈


وايون

## (پنهنجي ادبي اُستاد اميد خيرپوري جي نالي)

قطعي جو بادشاه هو
اميد خيرپوري

دُوست هُجي يا دشمن
سڀ تي ڪندو ويساهه هو
اميد خيرپوري

مُنهن موڙيندو هُيس جو
اُن سان ڪندو نٺاهه هو
اميد خيرپوري

ڌرتيءَ جو رکوالو
سنڌ سان رکندو چاهه هو
اميد خيرپوري

بي جان جيون هو جَڻُ
جسم منهنجي جو ساهه هو
اميد خيرپوري

شعر جو ”حَسنَ“ پتو پيو
مون لئہ بڻيو، اُتساهه هو
اميد خيرپوري

## (سائين ادل سومرو سان محبت جو اظهارُ)

مَنَ گهريو مَحبُوبُ!
شاعر آهي خُوبُ !
سائين ادل سومرو

مڙني ذات ذٽين ۾
منهنجو آ، مَرغُوبُ!
سائين ادل سومرو

وٽندڙ شعرُ انوکو
۽ نرالو اَسلُوبُ!
سائين ادل سومرو

منصوري خيالَ وارو
ڄڻُ ڪوئي مَجذُوب!
سائين ادل سومرو

مان سندس جو طالب
منهنجو آ، مَطلُوبُ!
سائين ادل سومرو

”حَسنُ“ دُعاگو آهي
ڪڏهن نہ ٿي غُروبُ!
سائين ادل سومرو

◘

ڪُتڻ جو ناهي
اَڻُ ڪُٿ آهي
سُوچن جو سفر.

تون جي ناهين
ڪجهہ پيي ناهي
سُوچن جو سفر.

جيون ڪي ٿو
ٿاهي، ڍاهي
سُوچن جو سفر.

ڪُو تہ ٻڌائي
آخر چاهي؟
سُوچن جو سفر.

آخر ”سَرڪي“
ضد تان لاهي
سُوچن جو سفر.

◘

◙

ڏرتي اجڙي ويندي
سنڌ نہ ساڀي رهندي
ڪالا باغ جي ٺهڻ سان
مُرڪون هليون ونديون
ڪائي نہ خوشي ايندي

ڪالا باغ جي ٺهڻ سان

واري پئي اُڏامندي
سَاوڪَ هلي ويندي
ڪالا باغ جي ٺهڻ سان
پاڻيءَ ڪَانِ سڪبو
ٻڪري کير نہ ڏيندي
ڪالا باغ جي ٺهڻ سان
هرڪو سنڌي جاڳي
هرجا سُجَ سڏيندي
ڪالا باغ جي ٺهڻ سان
سنڌين کي سنڌ ”سَرڪي“
ڏوراپو پُو ڏيندي
ڪالا باغ جي ٺهڻ سان

◙

◙

وقت ڪُو گذري ويو
بي خياليءَ ۾
ڪنهن چيو ڪاٿي آهين؟
پَاڻُ ٻہ وسري ويو
بي خياليءَ ۾
ڄَاڻُ اَڃي ڪُوماڻو
گُلُ تي نسري ويو
بي خياليءَ ۾
راهن ۾ ڌُوڙ مثل
پَنُ تي وکري ويو
بي خياليءَ ۾
واءُ جُو جهوٽو ٻڌجي
چين ٻہ اڏري ويو
بي خياليءَ ۾
ڪيڏو اڳتي "سرڪي"
اَڄُ آءِ نڪري ويو
بي خياليءَ ۾

◙

## (سنڌي ٻولي قومي ٻوليءَ جي
## مناسبت سان لکيل)

چاڻي، واٽي
پُوئتي، نہ ڪيو
سنڌي ٻولي

هرجاءِ هر هنڌ
پڙهو ۽ لکو
سنڌي ٻولي

سچلؒ ۽ سامي
شاھہ، رسالو
سنڌي ٻولي

رَبَ کي پياري
قرآن، ڏسو
سنڌي ٻولي

قومي، ٻولي
سيئي هي مجو
سنڌي ٻولي

چينلن ذريعي
دنيا ۾ ڏسو
سنڌي ٻولي
”سَرڪي“ آهي
داستان وڏو
سنڌي ٻولي

◘

نظر جو نشانو
محبت فسانو
وساري نہ سگھبو

متي مُرڪَ، مُرڪي
چيو تو، ديوانو
وساري نہ سگھبو

ڪيڏيون رُونقون هون
اُهو پل، سهانو
وساري نہ سگھبو

اَڄي، عابدا جو
ٿُو ڳايو، ترانو
وساري نہ سگھبو

بڻيو حَالُ، ماضي
ڪو گھاريل، زمانو
وساري نہ سگھبو

محبت سندو بس
”حَسنَ“ آشيانو
وساري نہ سگھبو

◘

◙

سنڌي آهيان
سنڌي رهندس
جيسين آهي حياتي!

ٽُوپي، اَجرڪُ
پائي گُهمندس
جيسين آهي حياتي!

سنڌ جا نعرا
خوش ٿي هڻندس
جيسين آهي حياتي!

ڌرتيءَ جي لَڄَ
پيو مان رکندس
جيسين آهي حياتي!

ڪُلهي، ڪُهاڙي
شان سان هلندس
جيسين آهي حياتي!

سنڌ لئہ جئندس
سنڌ لئہ مرندس
جيسين آهي حياتي!

سنڌُ جا نغما
”حَسنَ“ مان لکندس
جيسين آهي حياتي!

◙

سُهڻي صورت لئہ
منڙي مورت لئہ
اَجان سوچَ ۾ آهيان!
وَارَ اَچا ٿي ويا
پنهنجي چاهت لئہ
اَجان سوچَ ۾ آهيان!
مات ۾ هرگز ناهيان
ڪَيلَ حرڪت لئہ
اَجان سوچَ ۾ آهيان!
جَرُ تہ ڪُجھہ ڀِي ڪونهي
اکين جي عبرت لئہ
اَجان سوچَ ۾ آهيان!
شعر بہ چَاهَ نگر جا
سِڪَ ۽ الفت لئہ
اَجان سوچَ ۾ آهيان!
دنيا جي تختي تي
وڏندڙ نفرت لئہ
اَجان سوچَ ۾ آهيان!
ڪيئنءَ بڻايئي "سَرڪي" ؟
انهيءَ عورت لئہ
اَجان سوچَ ۾ آهيان!

◙

ڪنهن کان ڳُجهو ناهي
سڀ جي سامهون آهي
سنڌ جو دشمن

ڪوئي نہ حيا اٿس
ويٺو لاهي، پاهي
سنڌ جو دشمن

روز نوان ويٺو هتي
منصوبا ٿو ناهي
سنڌ جو دشمن

صوبي جي گُهر ڪري
سنڌ جو نقشو ڊاهي
سنڌ جو دشمن

ماڻهو ماري هٿ سان
گهرن ۾ ٿو ڪاهي
سنڌ جو دشمن

سينو ساهي وڙهبو
ٿيندو آخر ڇاهي؟
سنڌ جو دشمن

ڌاڙي ۾ گڏ پنهنجو
دشمن سان ٿو ٻاهي
سنڌ جو دشمن

”حَسن“ حقن جي لَتاڙَ
پنهنجو نظام ٿو چاهي
سنڌ جو دشمن

◙

## (ڌيءَ پرِ يت ڪائنات جي پئدائش تي)

ڀَاڳ َ ڀلا، ٿي ويا
خواب سچا، ٿي ويا

پريت، ٿي ڪائنات آئي

پرهہ ۾ پارس مٺي
گَنجُ ٻچا، ٿي ويا

پريت، ٿي ڪائنات آئي

تنهنجا گهٽا ئي
ڪَرمَ خدا، ٿي ويا

پريت، ٿي ڪائنات آئي

ڏڪڙا جيون جا
لاپتا ٿي ويا

پريت، ٿي ڪائنات آئي

خُوشين ڀَرِ، ڪُوليا
ٺهڪ وڏا، ٿي ويا

پريت، ٿي ڪائنات آئي

اَڄُ ڀيٽيءَ جا اج
”حَسنَ“، نشا، ٿي ويا

پريت، ٿي ڪائنات آئي

◙

خُون شهيدن جو
رائيگان نہ ويندو
لاڙڪاڻي جي مٽي
هرڪو پيو چوندو
جيئي، جيئي، ڀٽو
لاڙڪاڻي جي مٽي
تو ۾ سُتل آهي
خاندان ڀٽي جو
لاڙڪاڻي جي مٽي
اعليٰ ماڻهن ڪي
توئي آ، جنميو
لاڙڪاڻي جي مٽي
دَرسُ شهادت جو
توکان ئي مليو
لاڙڪاڻي جي مٽي
گهڻو ڪجھ ”سَرڪيءَ“
اَڄُ آهي ڏنو
لاڙڪاڻي جي مٽي

◙

◘

مون وٽ تنهنجي ڪَمي
ڪيڏي آهي مٺي
تون ڄاڻين نہ ٿي

ٻُوندن جي صورت ۾
ياد ٻہ آهي لٿي
تون ڄاڻين نہ ٿي

جيون جو سفر هي
ڪٿجي ٻہ نہ ٿو سچي
تون ڄاڻين نہ ٿي

هڪڙي ياد تون رکجان
ٽُوڏي رهيل آ، چُمي
تون ڄاڻين نہ ٿي

بي آرامي آهيان
رات غمن ۾ ڪٽي
تون ڄاڻين نہ ٿي

”حَسنَ“ ڪهاڻي پيار جي
آ، شعرن ۾ لکي
تون ڄاڻين نہ ٿي

◘

◙

ختم ٿي محبت
دنيا ڪي ڪدورت
وَڪُوڙي وئي آ
وئي سِڪَ، جهان مان
دلين کي تہ نفرت
وَڪُوڙي وئي آ
رُڳوُ ڪوڙ، ڏُوڪو
اها ئي حقيقت
وَڪُوڙي وئي آ
اَنا جي نشي ۾
اميرن کي دولت
وَڪُوڙي وئي آ
ڏسان ٿو تہ سڀ ڪي
مَايا جي محبت
وَڪُوڙي وئي آ
”حَسنَ“ آدميءَ کي
اَٽي جي ضرورت
وَڪُوڙي وئي آ

◙

## (يائو قربان منگيءَ جي نالي)

يارن جو يار ڏٺم
دِلي دلدار ڏٺم
قربان منگي

پُوپٽ وانگي پيارو
معصومُ ڪو ٻار ڏٺم
قربان منگي

سُوچن جي سَفرَ سان
غمن ۾ غمخوار ڏٺم
قربان منگي

خوشبوءَ جو احساسُ
گُلڙن جو هار ڏٺم
قربان منگي

هر فن مولا ماڻهو
اعليٰ ڪردار ڏٺم
قربان منگي

ڪنهن مُصور جو ڪوئي
سُهڻو شهڪار ڏٺم
قربان منگي

داتا دَرازيءَ جي
دَرَ جو پينارُ ڏِنم
قربان منگي

”حَسنَ“ حقيقت اها
برهه ۾ بيمار ڏِنم

قربان منگي

⧈

لکيل شعرن ۾
۽ تخليقن ۾
مان زنده رهندس

لفظن ۾ سُجاڳي
گيتن، غزلن ۾
مان زنده رهندس

چا تہ خيالَ هُيس
منڙن، ٻولن ۾
مان زنده رهندس

ورسيون پيون ٿينديون
ادبي ميڙن ۾
مان زنده رهندس

ڪڏهن ذڪر نڪرندو
ڳالهين، ڳالهين ۾
مان زنده رهندس

ڏسجو پيا صورت
پنهنجي ٻچڙن ۾
مان زنده رهندس

آئينو ”سَرڪي“
ڪنهن جي نيڻن ۾
مان زنده رهندس

⧈

◙

سَهُولتَ بہ آهي
مُصيبت بہ آهي
جَهانَ ۾!
ڪدورت بہ آهي
محبت بہ آهي
جَهانَ ۾!
جتي مرد آهي
تہ عورت بہ آهي
جَهانَ ۾!
ذلالت بہ آهي
تہ شهرت بہ آهي
جَهانَ ۾!
مٺا ڪُوڙ ڏُوڪو
حقيقت بہ آهي
جهان ۾!
اميري جي آهي
تہ غربت بہ آهي
جَهانَ ۾!
”حَسنَ“ شاعريءَ جي
ضرورت بہ آهي
جَهانَ ۾!

◙

## (ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي ياد ۾)

مير واهه جا وَڻَ، پڇن ٿا
مينهن جا ڪي ڏَڻَ، پڇن ٿا
تنوير، ڪاڏي ويو؟
گُهلندڙ، مست هوائون
ماٽهن جا مَٽَ، پڇن ٿا
تنوير، ڪاڏي ويو؟
”ٻي“ ”ٻي“ ڪنديون ٽيون وڃن
ٻڪرين جا ٽَڪَ، پڇن ٿا
تنوير، ڪاڏي ويو؟
هَانَو جي تار جا هُوڪا
۽ لسي، مَکڻَ، پڇن ٿا
تنوير، ڪاڏي ويو؟
”حَسنَ“ اُداسي ڇانيل
وَستي، وَاهُڻ، پڇن ٿا
تنوير، ڪاڏي ويو؟

(ناميارِي شاعر ادل سومرو جي هڪ مشهور دوهي
”ميرواهه جا وڻ پڇن ٿا“ کان متاثر ٿي لکيل)

# استاد محمد علي حداد

(ڪي لفظن جي پيتا)

سرمست سچل رح جو مستانو
ڍُولهہ درازيءَ جو ديوانو
محمد علي حداد

نياز ۽ نوڙت سان ملندو هو.
پيار، پريم جو پيمانو
محمد علي حداد

سرمست ڏيندو، ترتيب رهيو
سچل شناسيءَ جو پروانو
محمد علي حداد

ڇاهُ، ڪتابن سان ڏاڍو هيس
هُيو ڪوئي ڪتب خانو
محمد علي حداد

هرفن مولا ليکڪ، اديب
مُولائي مُڙسُ ميخانو
محمد علي حداد

”حَسنَ“ پڙهي ڏس ببليو گرافي
اظهار عقيدت جو سهانو
محمد علي حداد